القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو
حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو
حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله
پير شريف

رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِينَ كَفَرُوا لَوْ كَانُوا مُسْلِمِينَ ﴿٢﴾ ذَرْهُمْ يَأْكُلُوا

كنهن وقت چاهيندا كافر جيكر هجن ها اسلام آڻيندڙ. ڇڏ انهن كي ته كائن پيئن

كافر گهڻوئي (هيءُ) خواهش كندا ته جيكر مسلمان هجون ها. (اي پيغمبر!) كين ڇڏي ڏي ته (دنيا ۾) كائين

وَيَتَمَتَّعُوا وَيُلْهِهِمُ الْأَمَلُ فَسَوْفَ يَعْلَمُونَ ﴿٣﴾ وَمَا أَهْلَكْنَا

۽ فائدا وٺن ۽ غافل كري انهن كي اميد پوءِ جلد اهي ڄاڻندا. ۽ نه تباهه كيو آهي اسان

۽ (لذتن ۾) مزا ماڻي وٺن، ۽ كين اميد غافل كري ڇڏي پوءِ سگهوئي ڄاڻندا. ۽ كنهن ڳوٺ كي ويران نه كيوسون

مِنْ قَرْيَةٍ إِلَّا وَلَهَا كِتَابٌ مَعْلُومٌ ﴿٤﴾ مَا تَسْبِقُ مِنْ أُمَّةٍ

كنهن آبادي كي مگر ان جو لكيو آهي مقرر. نه اڳي ويندو كو ٽولو

پر (سندن بچڻ كمن جي كري) ان لاءِ مقرر حكم كيل هو. كا به قوم پنهنجي مقرر مدت كان نكي اڳرائي

أَجَلَهَا وَمَا يَسْتَأْخِرُونَ ﴿٥﴾ وَقَالُوا يَا أَيُّهَا الَّذِي نُزِّلَ عَلَيْهِ

پنهنجي وقت كان ۽ نكي پوئتي رهندا. ۽ چيائون اي اهو لاٿو ويو جنهن تي

كندي ۽ نكي پوئتي رهي سگهندي. ۽ (كافرن) چيو ته، اي جنهن تي قرآن لاٿو ويو آهي!

الذِّكْرُ إِنَّكَ لَمَجْنُونٌ ﴿٦﴾ لَوْ مَا تَأْتِينَا بِالْمَلَائِكَةِ إِنْ كُنْتَ مِنَ

قرآن پك تون ته چريو آهين. ڇو نه آندءِ اسان وٽ ملائكن كي جيكڏهن تون

بيشك تون پك چريو آهين. جيكڏهن تون سچن مان آهين ته اسان وٽ ملائك ڇو نه آڻيندو آهين؟

الصَّادِقِينَ ﴿٧﴾ مَا نُنَزِّلُ الْمَلَائِكَةَ إِلَّا بِالْحَقِّ وَمَا كَانُوا إِذًا

سچو آهين. نه لاهيندا آهيون اسان ملائك مگر موقعي سان ۽ نه هوندا ان وقت

(اي پيغمبر!) كين چئو ته، ملائك پكي رٿ كان سواءِ نازل نه كندا آهيون ۽ (جيكڏهن نازل كريون ۽ نه مڃين ته) انهيءَ مهل انهن كي

مُنْظَرِينَ ﴿٨﴾ إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ ﴿٩﴾ وَ

مهلت ڏنل. بيشك اسان لاٿو آهي قرآن ۽ اسان ئي ان جي نگهباني كندڙ آهيون. ۽

مهلت نه ڏني ويندي. اسان ئي نصيحت (يعني قرآن) نازل كيو ۽ اسين ئي سندس ضرور حفاظت كندڙ آهيون. ۽

لَقَدْ أَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِي شِيَعِ الْأَوَّلِينَ ﴿١٠﴾ وَمَا يَأْتِيهِمْ

اسان موكليا آهن رسول توكان اڳ جماعتن ۾ اڳين ۽ نه ايندو هئو انهن وٽ

بيشك توكان اڳي پهرين ٽولين ۾ پيغمبر موكلياسون. ۽ كو پيغمبر وٽن نه ايندو هو جو

مِنْ رَسُولٍ إِلَّا كَانُوا بِهِ يَسْتَهْزِئُونَ ﴿١١﴾ كَذَٰلِكَ نَسْلُكُهُ فِي

كو به رسول مگر هئا ان سان مسخريون كندڙ اهڙي طرح وجهندا آهيون ان كي

انهيءَ سان ٺٺوليون كرڻ كان سواءِ (ٻيو كجهه) نه كندا هئا. اهڙي طرح ڏوهارين جي

قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٢﴾ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَقَدْ خَلَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣﴾

دلين ۾ ڏوهارين جي. اهي ڪين مڃيندا ان کي ۽ ٿي گذري آهي رسم پهرين جي.

دلين ۾ (اهڙو خيال) وجهندا آهيون. جو اُن کي نہ مڃيندا، ۽ بيشڪ اڳين جي ريت هلي ايندي آهي.

وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ ﴿١٤﴾

۽ جيڪڏهن کوليون انهن تي دروازو آسمان جو پوءِ وڃن ان ۾ چڙهندا.

۽ جيڪڏهن آسمان مان ڪو دروازو مٿن کوليون ها پوءِ اُن ۾ سدائين مٿي چڙهندا رهن ها.

لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ ﴿١٥﴾ ع ١٥

تہ بہ چوندا رڳو منڊيون ويون آهن اسان جون اکيون نہ پر اسان ماڻهو جادو ڪيل آهيون.

تڏهن بہ ضرور چون ها تہ رڳو اسان جون اکيون منڊيون ويون آهن! بلڪ اسين جادو ڪيل قوم آهيون.

وَلَقَدْ جَعَلْنَا فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّزَيَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٦﴾ وَحَفِظْنٰهَا

۽ بيشڪ اسان بڻايا آهن آسمان ۾ برج ۽ سينگاريوسين ان کي ڏسندڙن لاءِ ۽ بچايوسين ان کي

۽ بيشڪ آسمان ۾ برج بڻاياسون ۽ اُن کي ڏسندڙن لاءِ سينگاريوسون. ۽ اُن کي

مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ﴿١٧﴾ اِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَاَتْبَعَهٗ

هر شيطان تڙيل کان. مگر ڪوئي چوريءَ اچي ٻڌي پوءِ پٺيان پوي ٿي ان کي

هر ڪنهن تڙيل شيطان کان بچايوسون. پر جيڪو چوريءَ ڪن ڏئي تنهن جي ڪڍ

شِهَابٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٨﴾ وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ

اماڙي چٽي ٻرندڙ. ۽ ڌرتي کي پکيڙيوسون ۽ وڌاسون ان ۾ جبل

چٽو الانبو پوندو آهي. ۽ زمين کي پکيڙيوسون ۽ منجهس جبل کوڙياسون

وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُوْنٍ ﴿١٩﴾ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا

۽ ڄمائي اٿئون ان ۾ هر شيءِ وزنائتي. ۽ بڻاياسون توهان لاءِ ان ۾

۽ منجهس هر شيءِ اندازي سان ڄمائي سون. ۽ منجهس اوهان لاءِ ۽ انهن لاءِ (قسم قسم

مَعَايِشَ وَمَنْ لَّسْتُمْ لَهٗ بِرٰزِقِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا

گذارا ۽ انهن لاءِ جو ناهيو اوهين انهن کي رزق ڏيندڙ. ۽ ناهي ڪا بہ شيءِ مگر

جي) روزي (پيدا) ڪئي سون جن کي (اوهين) روزي ڏيندڙ نہ آهيو. اهڙي ڪا شيءِ آهي ئي ڪا نہ

عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ ز وَمَا نُنَزِّلُهٗٓ اِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٢١﴾ وَاَرْسَلْنَا الرِّيٰحَ

اسان وٽ آهن ذخيرا ان جا ۽ نہ ٿا لاهيون ان کي مگر قدر مقرر سان. ۽ اسان موڪليون هوائون

جنهن جا خزانا اسان وٽ نہ هجن اُنهن شين کي (اسين) مقرر اندازي کان سواءِ نہ لاهيندا آهيون. ۽ ڪڪرن کڻندڙ وائن کي موڪليندا آهيون

لَوَاقِحَ فَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَسْقَيْنٰكُمُوْهُ ۚ وَمَآ اَنْتُمْ لَهٗ
ڪڪر ڪٽندڙ پوءِ لاٿوسون آسمان کان پاڻي پوءِ اهو پياريوسون اوهانکي، ۽ نہ آهيو اوهين انجا
پوءِ آسمان مان پاڻي وسائيندا آهيون، پوءِ اهو اوهان کي پياريندا آهيون. ۽ اهو اوهين (تلاون ۾)

بِخٰزِنِيْنَ ﴿٢٢﴾ وَاِنَّا لَنَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَنَحْنُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَلَقَدْ
خزانہ دار. ۽ بيشڪ اسان ئي جيئرو ڪندا آهيون ۽ ماريندا آهيون ۽ اسان ئي وارث آهيون. ۽ اسان
گڏ ڪرڻ وارا نہ آهيو. ۽ اسين ئي جياريندا آهيون ۽ ماريندا آهيون ۽ اسين (سڀ ڪنهن جا) وارث آهيون. ۽ بيشڪ

عَلِمْنَا الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَاْخِرِيْنَ ﴿٢٤﴾ وَاِنَّ
جاڻي چڪا آهيون اڳتي وڌندڙن کي توهان مان ۽ جاڻي چڪا آهيون پٺتي پوندڙن کي. ۽ بيشڪ
اوهان کان اڳ وارا بہ جاڻندا آهيون ۽ بيشڪ (اوهان کان) پوءِ ايندڙ (بہ) جاڻندا آهيون. ۽ بيشڪ

ركوع ٢ رَبَّكَ هُوَ يَحْشُرُهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾ ع وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ
تنهنجو رب ئي گڏ ڪندو انهن کي، اهو ئي حڪيم آهي علم وارو آهي. ۽ اسان خلقيو آهي انسان کي
تنهنجو پالڻهار کين اٿاريندو. بيشڪ اهو حڪمت وارو جاڻندڙ آهي. ۽ بيشڪ اسان آدم کي

مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٦﴾ ج وَالْجَآنَّ خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ
ڪڙڪندڙ چيڪيءَ مٽي ڦري ويل مان. ۽ جن کي پيدا ڪيوسون ان کان اڳ ۾
گوهيل گنديءَ وڄندڙ مٽيءَ مان بڻايو. ۽ ان (آدم) کان اڳ جنن جي (وڏي يعني) جان کي

مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾ وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا
باهہ جهرواري مان. ۽ جنهن وقت چيو تنهنجي رب ملائڪن کي آءٌ پيدا ڪرڻ وارو آهيان بشر کي
ڇيڄ واري باهہ مان بڻايوسون. ۽ جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو تہ آءٌ آدم کي

مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٨﴾ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ
ڪڙڪندڙ چيڪي مٽي ڦري ويل مان. پوءِ جڏهن تيار ڪيان انکي ۽ ڦوڪيان ان ۾
گوهيل سڙيل وڄندڙ مٽيءَ مان بڻائيندڙ آهيان. پوءِ جڏهن کيس ٺاهي برابر ڪريان ۽ منجهس پنهنجي روح مان

مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٣٠﴾ لا
پنهنجو امر پوءِ ٿي پئجو انهيءَ لاءِ سجدو ڪندڙ. پوءِ سجدو ڪيو ملائڪن سڀني گڏجي.
ڦوڪيان تڏهن کيس سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پئجوا پوءِ انهن مڙني ملائڪن گڏجي سجدو ڪيو.

اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ
سواءِ ابليس جي، انهيءَ انڪار ڪيو تہ هجي گڏ سجدي ڪندڙن سان. چيائين اي ابليس
سواءِ ابليس جي، جنهن سجدي ڪندڙن سان گڏ هجڻ کان انڪار ڪيو. (الله) چيو تہ اي ابليس!

مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ

چاٿيو توکي جو نہ تو ٿئين گڏ سجدي ڪندڙن سان. چيائين آءٌ ناهيان اهڙو جو سجدو ڪريان بشر کي

توکي ڇا ٿيو جو سجدي ڪرڻ وارن مان نہ ٿئين؟ (هن) چيو تہ مون کي نہ جڳائيندو آهي تہ آءٌ اهڙي ماڻهوءَ کي سجدو ڪريان

خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٣٣﴾ قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا

جنهن کي تو ناهيو کڙڪندڙ چيڪي مٽي قري ويل مان. چيائين پوءِ نڪر هتان

جنهن کي ڳوهيل گنديءَ وڄندڙ مٽيءَ مان بڻايو اٿئي. (الله) فرمايو تہ اُن (بهشت) مان نڪر!

فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٣٤﴾ وَّاِنَّ عَلَيْكَ اللَّعْنَةَ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٣٥﴾ قَالَ

تون تڙيل آهين. ۽ بيشڪ توتي ڦٽڪار آهي ڏينهن قيامت تائين. چيائين

جو تہ تون تڙيل آهين. ۽ توتي قيامت تائين لعنت آهي. (ابليس) چيو تہ اي منهنجا

رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿٣٦﴾ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٣٧﴾

اي منهنجا رب پوءِ ڍر ڏي مونکي ان ڏينهن تائين جو اٿاريا وڃن. فرمايائين پوءِ تون ڍر ڏنلن مان آهين.

پالڻهارا مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏي. (الله) فرمايو تہ بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين.

اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٣٨﴾ قَالَ رَبِّ بِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاُزَيِّنَنَّ

ڏينهن وقت مقرر تائين. چيائين اي منهنجا رب جيئن تہ گمراهہ ڪيو تو مونکي تہ ضرور سينگار ڪرائيندس

ٺهرايل وقت واري ڏينهن تائين. (ابليس) چيو تہ، اي منهنجا پالڻهارا! تو جو مون کي گمراهہ ڪيو آهي تنهن ڪري آءٌ انهن لاءِ

لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَلَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٣٩﴾ اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ

انهن لاءِ زمين ۾ ۽ گمراهہ ڪندس انهن سيني کي. مگر ٻانها تنهنجا انهن مان

زمين ۾ (گناهن کي) ضرور سينگاريندس ۽ ضرور سيني کي گمراهہ ڪندس. سواءِ اُنهن تنهنجن ٻانهن

الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤٠﴾ قَالَ هٰذَا صِرَاطٌ عَلَيَّ مُسْتَقِيْمٌ ﴿٤١﴾ اِنَّ

چونڊيل. فرمايائين هيءَ رستو آهي مون تائين سڌو. بيشڪ

جي جي سچا آهن. (الله) فرمايو تہ هيءَ واٽ مون تائين سڌي آهي.

عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ اِلَّا مَنِ اتَّبَعَكَ

منهنجا ٻانها، نہ هلندو تنهنجو انهن تي ڪو زور سواءِ انهن جي جيڪي تنهنجي پٺيان لڳا

گمراهن مان جنهن تنهنجي تابعداري ڪئي تنهن کان سواءِ (ٻين) منهنجن ٻانهن تي تنهنجو ڪو وس نہ آهي.

مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٣﴾ لَهَا سَبْعَةُ

گمراهن مان. ۽ بيشڪ دوزخ وعده جي جاءِ آهي انهن سيني لاءِ. ان کي آهن ست

۽ اُنهن مڙني گمراهن جي انجام واري جاءِ دوزخ آهي. اُن کي ست دروازا آهن.

اَبْوَابٍ ؕ لِكُلِّ بَابٍ مِّنْهُمْ جُزْءٌ مَّقْسُوْمٌ ﴿۴۴﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ

دروازا. هر در لاءِ انهن مان حصو آهي ورهايل. يقينن پرهيزگار آهن

هر کنهن دروازي لاءِ انهن مان ورهايل پاڱو آهي. بيشڪ پرهيزگار

فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿۴۵﴾ اُدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ اٰمِنِيْنَ ﴿۴۶﴾ وَنَزَعْنَا مَا

باغن ۾ ۽ چشمن ۾. چوندن هلو ان ۾ سلامتي سان بي خطرا ٿي. ۽ ڪڍنداسين اهو جيڪي

باغن ۽ چشمن ۾ هوندا. (کين چئبو ته) انهن ۾ بي فڪرا ٿي سلامتيءَ سان گهڙو. ۽ سندن سينن ۾ جيڪي

فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ اِخْوَانًا عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿۴۷﴾ لَا يَمَسُّهُمْ

انهن جي دلين ۾ هوندو ناراضپو. ڀائر بڻجي پلنگن تي ويهندا هڪٻئي جي سامهون. نه پهچندي کين

ڪينو هوندو سو انهن مان ڪڍنداسين، (هڪ ٻئي جا) ڀائر ٿي آمهون سامهون تختن تي ويٺا هوندا. اُتي کين ڪو

فِيْهَا نَصَبٌ وَّمَا هُمْ مِّنْهَا بِمُخْرَجِيْنَ ﴿۴۸﴾ نَبِّئْ عِبَادِيْٓ اَنِّيْٓ

اتي ڪا تڪليف ۽ نه اهي اتان ڪڍيا ويندا. ٻڌاءِ منهنجي ٻانهن کي ته بيشڪ

تڪ پهچندو ۽ نه کي اُتان ڪڍيا ويندا. (اي پيغمبرا) منهنجن ٻانهن کي خبر ڏي ته آءٌ

اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۴۹﴾ وَاَنَّ عَذَابِيْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِيْمُ ﴿۵۰﴾

آءٌ بخشيندڙ مهربان آهيان. ۽ يقينن منهنجو عذاب اهو عذاب دردناڪ آهي.

بخشڻهار مهربان آهيان. ۽ منهنجو عذاب ئي ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

وَنَبِّئْهُمْ عَنْ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ ﴿۵۱﴾ اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ؕ

۽ خبر ٻڌاءِ انهن کي ابراهيم جي مهمانن جي. جڏهن پهتا ان وٽ چيائون سلام.

۽ (اي پيغمبرا) انهن کي ابراهيم جي مهمانن جي خبر ڏي. جنهن مهل وٽس پهتا (تنهن مهل) چيائون سلام.

قَالَ اِنَّا مِنْكُمْ وَجِلُوْنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوْا لَا تَوْجَلْ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمٍ

چيائين اسان توهان کان ڊڄون ٿا. چيائون نه ڊڄ اسين توکي خوشخبري ڏيون ٿا نينگر

(ابراهيم) چيو ته اسين اوهان کان ڊڄندڙ آهيون. چيائون ته نه ڊڄ! اسين توکي علم واري پٽ جي مبارڪ ڏيون ٿا.

عَلِيْمٍ ﴿۵۳﴾ قَالَ اَبَشَّرْتُمُوْنِيْ عَلٰٓى اَنْ مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ فَبِمَ

علم واري جي. چيائين ڇا توهان خوشخبري ڏيو ٿا مونکي جڏهن پهتي آهي مونکي ڪراڙپ پوءِ ڇا جي ٿا

(ابراهيم) چيو ته مون کي هن هوندي به مبارڪ ڏيو ٿا ڇا؟ جو مون کي ٻڍاپ پهتي آهي، پوءِ ڪهڙي طرح

تُبَشِّرُوْنَ ﴿۵۴﴾ قَالُوْا بَشَّرْنٰكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ ﴿۵۵﴾

خوشخبري ڏيو. چيائون اسان خوشخبري ڏني آهي توکي سچي پوءِ نه ٿيءُ اميد لاهيندڙن مان.

مبارڪ ڏيو ٿا؟. چيائون ته، توکي جائي مبارڪ ڏيون ٿا، تنهن ڪري نااميدن مان نه ٿي.

قَالَ وَمَنْ يَّقْنَطُ مِنْ رَّحْمَةِ رَبِّهٖٓ اِلَّا الضَّآلُّوْنَ ﴿٥٦﴾ قَالَ فَمَا

چيائين كير ٿيندو آهي نااميد رحمت پنهنجي رب جي كان سواءِ گمراهن جي. چيائين كهڙو

(ابراهيم) چيو تہ پنهنجي پالڻهار جي رحمت كان گمراهن كان سواءِ (ٻيو) كير نااميد ٿيندو؟. (وري) ابراهيم

خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٥٨﴾

احوال آهي توهان جو اي قاصدؤ. چيائون اسان موكليا ويا آهيون قوم ڏوهارين جي طرف.

چيو تہ. اي موكليل (ملائكؤ!) اوهان جو كهڙو كم آهي. چيائون تہ اسين ڏوهارين جي قوم ڏانهن موكليل آهيون.

اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٩﴾ اِلَّا امْرَاَتَهٗ قَدَّرْنَآ ۙ

سواءِ گهراڻي لوط جي، اسان بچائينداسون انهن سمورن كي. مگر ان جي زال فيصلو كيو سون

لوط جي گهراڻي وارن كان سواءِ، جن مڙني كي اسين ضرور بچائيندڙ آهيون. سواءِ سندس زال جي، جنهن لاءِ ٺهرائي كيوسون تہ

اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا جَآءَ اٰلَ لُوْطِ ۨالْمُرْسَلُوْنَ ﴿٦١﴾ قَالَ ع ١٦ ٤

تہ اها آهي رهجي ويندڙن مان. پوءِ جڏهن آيا لوط جي گهر موكليل ملائك. چيائين

اها رهيلن مان آهي. پوءِ جنهن مهل موكليل (ملائك) لوط جي گهراڻي وارن ڏانهن آيا. (تنهن مهل لوط) چيو

اِنَّكُمْ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿٦٢﴾ قَالُوْا بَلْ جِئْنٰكَ بِمَا كَانُوْا فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٦٣﴾

توهان ماڻهو آهيو اوپرا. چيائون نہ پر اسان آندي آهي تو وٽ اها شيءِ جنهن ۾ اهي شك كندا هئا.

تہ. اوهين اوپري قوم آهيو. چيائون تہ (نہ) بلك تو وٽ اُهو (عذاب) وٺي آيا آهيون جنهن ۾ (كافر) شك كندا هئا.

وَاَتَيْنٰكَ بِالْحَقِّ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٦٤﴾ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ

۽ آندو اٿئون تو وٽ حق ۽ بلاشك اسين سچا آهيون. پوءِ كڍ پنهنجي ٻچڙن كي رات جي پهر ۾

۽ تو وٽ سچ سان آيا آهيون ۽ بيشك اسين ضرور سچا آهيون. پوءِ پنهنجي كٽنب سميت راتواهہ نكر

وَاتَّبِعْ اَدْبَارَهُمْ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ وَّامْضُوْا حَيْثُ

۽ تون هل انهن جي پٺيان ۽ نہ واجهائي توهان مان كو بہ ۽ هليا وڃو جيڏانهن

۽ (تون) سندن پويان هل! ۽ اوهان مان كو هكڙو (بہ) پوئتي نہ واجهائي ۽ جتي حكم كيو وڃو اُتي

تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَقَضَيْنَآ اِلَيْهِ ذٰلِكَ الْاَمْرَ اَنَّ دَابِرَ هٰٓؤُلَآءِ مَقْطُوْعٌ

حكم كيا وڃو. ۽ پهچايوسون ان ڏانهن اهو حكم تہ پاڙ انهن جي كپيل هوندي

اتي وڃوا. ۽ لوط ڏانهن هن حكم جو وحي كيوسون تہ انهن جي پاڙ صبح ٿيندي ئي

مُّصْبِحِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَجَآءَ اَهْلُ الْمَدِيْنَةِ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالَ اِنَّ

صُبح سان. ۽ آيا شهر وارا خوشيون كندي. هن چيو تہ

پٽي ويندي. ۽ شهر وارا خوشيون كندا آيا. (لوط) چيو تہ هي منهنجا

هٰٓؤُلَآءِ ضَيۡفِىۡ فَلَا تَفۡضَحُوۡنِ ﴿٦٨﴾ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخۡزُوۡنِ ﴿٦٩﴾

هي مهمان آهن منهنجا پوءِ نہ لڄي ڪريو مونکي. ۽ ڊڄو الله کان ۽ نہ خوار ڪريو مونکي.

مهمان آهن پوءِ مون کي لڄي نہ ڪريو. ۽ الله کان ڊڄو ۽ خوار نہ ڪريوم.

قَالُوۡۤا اَوَلَمۡ نَنۡهَكَ عَنِ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ هٰٓؤُلَآءِ بَنٰتِىۡۤ اِنۡ

چيائون ڇا اسان توکي منع نہ ڪئي هئي ڏيهہ جهان جي رهاڻن کان. چيائين اجهي هي منهنجون ڌيئر آهن جيڪڏهن

چيائون تہ، توکي ڏيهہ جهان وارن (جي مهماني) کان نہ جهليو هيوسون ڇا؟. (لوط) چيو تہ جيڪڏهن اوهين (منهنجو چيو)

كُنۡتُمۡ فٰعِلِيۡنَ ﴿٧١﴾ لَعَمۡرُكَ اِنَّهُمۡ لَفِىۡ سَكۡرَتِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿٧٢﴾ فَاَخَذَتۡهُمُ

آهيو ڪرڻ وارا. قسم آهي تنهنجي سر جو يقينن اهي پنهنجي بيهوشيءَ ۾ عقل جا انڌا آهن. پوءِ پڪڙيو انهن کي

ڪندڙ ٿيندؤ تہ هي منهنجون ڌيئر حاضر آهن!. (اي پيغمبر!) تنهنجي حياتي جو قسم آهي! تہ اِهي (ڪافر) پنهنجي گمراهيءَ ۾ حيران آهن. پوءِ

الصَّيۡحَةُ مُشۡرِقِيۡنَ ﴿٧٣﴾ فَجَعَلۡنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ

راڙ سج اڀرندي. پوءِ ڪيوسون ان جي مٿئين پاسي کي هيٺان ۽ وسايون سون انهن تي

سج اڀرڻ مهل ڪڙڪي ورتن. ۽ ان شهر جو مٿيون پاسو ان جي هيٺ ڪيوسون ۽ مٿن

حِجَارَةً مِّنۡ سِجِّيۡلٍ ﴿٧٤﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلۡمُتَوَسِّمِيۡنَ ﴿٧٥﴾

پٿريون ساڪر جون. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن سڃاڻڻ وارن لاءِ.

پڪل مٽيءَ جا ڳوڙها وساياسون. بيشڪ اُن ۾ عبرت وٺندڙن لاءِ نشانيون آهن.

وَاِنَّهَا لَبِسَبِيۡلٍ مُّقِيۡمٍ ﴿٧٦﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٧٧﴾

۽ اهي آهن البت رستي عام تي. يقينن ان ۾ نشاني آهي ايمان وارن لاءِ.

۽ اِهو ڳوٺ هميشہ (جي اُڃ وڃ) واري واٽ تي هو. بيشڪ اُن ۾ مؤمنن لاءِ نشانيون آهن.

وقف لازم

وَاِنۡ كَانَ اَصۡحٰبُ الۡاَيۡكَةِ لَظٰلِمِيۡنَ ﴿٧٨﴾ فَانۡتَقَمۡنَا مِنۡهُمۡ ۘ وَ

۽ بيشڪ هئا رهاڪو جهنگل جا ڏوهاري. پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان، ۽

۽ ايڪہ (شهر) وارا ظالم هئا. پوءِ کانئن بدلو ورتوسون. ۽ (لوطين ۽

ع ٥ ١٩ ٥

اِنَّهُمَا لَبِاِمَامٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٧٩﴾ وَلَقَدۡ كَذَّبَ اَصۡحٰبُ الۡحِجۡرِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿٨٠﴾

اهي ٻئي علائقا آهن رستي پڌري تي. ۽ البت ڪوڙو ڪيو حجر وارن رسولن کي.

ايڪہ وارن جا) ٻئي ڳوٺ پڌري رستي تي هئا. ۽ بيشڪ حجر وارن پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو.

وَاٰتَيۡنٰهُمۡ اٰيٰتِنَا فَكَانُوۡا عَنۡهَا مُعۡرِضِيۡنَ ﴿٨١﴾ وَكَانُوۡا يَنۡحِتُوۡنَ

۽ اسان ڏنيون سون انهن کي پنهنجون نشانيون پوءِ هئا انهن کان منهن موڙيندڙ. ۽ گهڙي ٺاهيندا هئا

۽ کين پنهنجيون نشانيون ڏنيون سون پوءِ انهن کان منهن موڙيندڙ ٿيا. ۽ بي فڪرا ٿي

مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا اٰمِنِيْنَ ﴿٨٢﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُصْبِحِيْنَ ﴿٨٣﴾

جبلن مان گهر بي فڪر ٿي. پوءِ ورتو انهن کي راڙ پرهه ڦٽيءَ.

جبلن مان ٽُڪي گهر ٺاهيندا هئا. پوءِ کين صبح ٿيندي ئي ڪڙڪي (اچي) ورتو.

فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ

پوءِ نه ڪم آيو انهن کي جيڪي ڪم ڪيائون. ۽ نه خلقيا آهن اسان آسمان

پوءِ جيڪو ڪمايائون سو ڪائن ڪجهه به ٽاري نه سگهيو. ۽ آسمانن ۽ زمين کي

وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ

۽ زمين ۽ اهو جيڪي انهن ۾ آهي مگر حڪمت سان، ۽ بيشڪ قيامت ضرور اچڻ واري آهي

۽ جيڪي منجهن آهي سو رٿ ڪان سواءِ نه بڻايو اٿئون، ۽ قيامت ضرور اچڻي آهي پوءِ (سندن بي ادبين ڪان)

فَاصْفَحِ الصَّفْحَ الْجَمِيْلَ ﴿٨٥﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٦﴾ وَلَقَدْ

تون پاسيرو رهه انهن ڪان چڱي طرح. تنهنجو رب ئي آهي خلقيندڙ خبر رکندڙ. ۽

سهڻي طرح درگذر ڪر. بيشڪ تنهنجو پالڻهار وڏو خلقيندڙ (۽) گهڻو ڄاڻندڙ آهي. ۽ بيشڪ

اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَالْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ ﴿٨٧﴾ لَا تَمُدَّنَّ

اسان ڏنيون آهن توکي ست آيتون وري وري پڙهڻ لاءِ ۽ قرآن عاليشان. هرگز نه ڪر

توکي ٻٽيون ست آيتون (يعني سورة فاتحه) ۽ وڏو قرآن ڏنوسون.

عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ

نگاهون پنهنجون ان ڏانهن جنهنجو نفعو ڏنو سون ڪيترن کي انهن مان ۽ نه ڏک ڪر انهن تي

انهن کي هر جنس جي سامان مان جيڪي شيون ڏنيون سون تن ڏانهن تون پنهنجون اکيون کڻي نه نهار! ۽ نڪي

وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٨﴾ وَقُلْ اِنِّيْٓ اَنَا النَّذِيْرُ

۽ جهڪاءِ پنهنجا پر مومنن تي. ۽ چؤ آءٌ ئي آهيان ڊيڄاريندڙ

مٿن ڏک ڪر ۽ مومنن لاءِ پنهنجو (شفقت مان) پاسو جهڪو ڪر. ۽ چئو ته بيشڪ آءٌ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.

الْمُبِيْنُ ﴿٨٩﴾ كَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَى الْمُقْتَسِمِيْنَ ﴿٩٠﴾ الَّذِيْنَ جَعَلُوا الْقُرْاٰنَ

پڌرو. جيئن اسان نازل ڪيو عذاب ورهاست ڪندڙن تي. اهي جن ڪيو قرآن کي

جهڙيءَ طرح انهن ورهاست ڪندڙن تي (عذاب) نازل ڪيوسون. جن قرآن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو.

عِضِيْنَ ﴿٩١﴾ فَوَرَبِّكَ لَنَسْـَٔلَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٢﴾ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾

ٽڪرا ٽڪرا. پوءِ تنهنجي رب جو قسم ضرور پڇا ڪنداسون انهن سڀني کان. ان بابت جو اهي عمل ڪندا هئا.

(تهڙيءَ طرح) تنهنجي پالڻهار جو قسم آهي! ته انهن مڙني کان ضرور پڇنداسون، جيڪي ڪندا آهن تنهن بابت.

فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٩٤﴾ اِنَّا كَفَيْنٰكَ

پوءِ کولي ٻڌاءِ جو توکي حڪم ڏيو آهي ۽ منهن موڙ شرڪ ڪندڙن کان. اسان ئي ڪافي آهيون تولاءِ

پوءِ جيڪي توکي حڪم ڪجي ٿو سو کولي ٻڌاءِ ۽ مشرڪن کان منهن موڙ!. اسان تنهنجي طرفان اُنهن چٽڙ

الْمُسْتَهْزِءِيْنَ ﴿٩٥﴾ الَّذِيْنَ يَجْعَلُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۚ فَسَوْفَ

چٽڙ ڪندڙن تي. جيڪي بنائن ٿا الله سان گڏ خدا ٻيو. پوءِ جلد

ڪندڙن جي پورائي ڪئي. جي الله سان ٻيو معبود مقرر ڪندا آهن پوءِ سگهوئي ڄاڻندا.

يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ ﴿٩٧﴾

ڄاڻندا. ۽ اسين ڄاڻون ٿا تہ تنهنجي تنگ ٿئي ٿي دل انهن جي ڳالهين کان.

۽ بيشڪ ڄاڻندا آهيون تہ جيڪي چوندا آهن تنهن سببان تنهنجو سينو تنگ ٿيندو آهي.

فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَاعْبُدْ رَبَّكَ

پوءِ تون پڙهہ تعريف پنهنجي رب جي ۽ هُج سجدي ڪندڙن مان. ۽ عبادت ڪندو رهہ پنهنجي رب جي

پوءِ تون پاڪائيءَ سان پنهنجي پالڻهار جي ساراهہ ڪر ۽ سجدي ڪندڙن مان هج!. ۽ (ايستائين) پنهنجي پالڻهار

حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿٩٩﴾ ع

جيستائين اچي تووٽ يقين (موت).

جي عبادت (پيو) ڪر جيستائين توکي موت پهچي.

سُوْرَةُ النَّحْلِ مَكِّيَّةٌ   بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ   اٰيَاتُهَا ١٢٨ رُكُوْعَاتُهَا ١٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَتٰى اَمْرُ اللّٰهِ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْهُ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١﴾

آيو حڪم الله جو پوءِ تڪڙ نہ ڪريو ان ۾، اهو پاڪ آهي ۽ مٿاهون آهي ان کان جو شريڪ ٿا ڪن.

الله جو حڪم پهتو تنهن ڪري ان جي تڪڙ نہ ڪريو، الله پاڪ آهي ۽ اُنهيءَ شيءِ کان مٿاهون آهي جيڪا ساڻس شريڪ مقرر ڪندا آهن.

يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖٓ

لاهي ٿو ملائڪن کي وحي سان پنهنجي ارادي سان جنهن تي گهري پنهنجي ٻانهن مان

پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن تي پنهنجي ارادي سان ملائڪن کي وحي سان هن لاءِ نازل ڪندو آهي

اَنْ اَنْذِرُوْٓا اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاتَّقُوْنِ ﴿٢﴾ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

تہ خبردار ڪريو تہ ناهي ڪلهنجي ٻندگي سواءِ منهنجي پوءِ مون کان ئي ڊڄو پيدا ڪيائين آسمانن

تہ (ماڻهن کي) ڊيڄاريو (تہ الله ٿو فرمائي) تہ مون کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جو لائق نہ آهي تنهن ڪري مون کان ڊڄو!. آسمانن ۽ زمين کي

وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ ط تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ

۽ زمين کي حق سان. مٿاهون آهي ان کان جو شريڪ ٿا ڪن. پيدا ڪيائين انسان کي

رٿ سان بڻايائين. جيڪا شيءِ ساڻس شريڪ ڪندا آهن، تنهن کان (اهو) مٿاهون آهي. ماڻهوءَ کي نطفي مان خلقيائين

مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤﴾ وَالْاَنْعَامَ خَلَقَهَا ج لَكُمْ

قطري مان پوءِ اوچتو اهو آهي جهڳڙو ڪندڙ ظاهر. ۽ چوپاين کي پيدا ڪيائين توهان لاءِ

پوءِ اوچتو ئي اهو پڌرو جهڳڙالو ٿي پيو. ۽ اوهان لاءِ ڍور خلقيائين انهن مان گرم پوشاڪون ۽ (ٻيا)

فِيْهَا دِفْءٌ وَّمَنَافِعُ وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٥﴾ وَلَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ حِيْنَ

انهن ۾ آهي گرم اوڇڻ ۽ گهڻا فائدا ۽ ڪن مان کائو ٿا. ۽ توهان لاءِ آهي انهن ۾ زيب جڏهن

فائدا آهن ۽ منجهانئن کي کائيندا آهيو. جنهن مهل (اهي ڍور) واڙيندا آهيو ۽ جنهن مهل چوڙيندا آهيو (تنهن مهل)

تُرِيْحُوْنَ وَحِيْنَ تَسْرَحُوْنَ ﴿٦﴾ وَتَحْمِلُ اَثْقَالَكُمْ اِلٰى بَلَدٍ لَّمْ

ڪاهي ٿا اچو ۽ جڏهن چيڙيو ٿا. ۽ کڻن ٿا بار توهان جا انهيءَ شهر ڏانهن جو نه

اوهان لاءِ سونهن آهي. ۽ جنهن شهر ڏانهن اوهين پنهنجي جيئن کي جوکي ۾ وجهڻ کان سواءِ پهچي نه سگهندا آهيو.

تَكُوْنُوْا بٰلِغِيْهِ اِلَّا بِشِقِّ الْاَنْفُسِ ط اِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧﴾

ٿيو ها پهچندڙ اتي مگر جيءَ کي جفا ڏيڻ سان، بيشڪ توهان جو رب نرمي ڪندڙ مهربان آهي.

تنهن ڏانهن اوهان جو بار کڻندا آهن، ڇو ته اوهان جو پالڻهار وڏو ٻاجهارو مهربان آهي.

وَّالْخَيْلَ وَالْبِغَالَ وَالْحَمِيْرَ لِتَرْكَبُوْهَا وَزِيْنَةً ط وَيَخْلُقُ مَا

۽ پيدا ڪيائين گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏهه جئن چڙهو انهن تي ۽ ڏيک ويک لاءِ ۽ پيدا ڪندو انکي جيڪي

۽ گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏهه هن لاءِ (خلقيائين) ته انهن تي اوهين چڙهو ۽ (انهن کي) زينت جاڻو. ۽ جيڪي شيون (اوهين) نه

لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨﴾ وَعَلَى اللّٰهِ قَصْدُ السَّبِيْلِ وَمِنْهَا جَآئِرٌ ط وَلَوْ شَآءَ

توهان نه ٿا ڄاڻو. ۽ الله ڏانهن آهي وچٿرو رستو ۽ انهن مان ڪي ڏنگا آهن. ۽ جيڪڏهن اهو گهري ها

ڄاڻندا آهيو سي (به) پيدا ڪندو آهي. ۽ الله تي سڌو رستو (ڏسڻ) آهي ۽ انهن مان ڪي (رستا) ڏنگا آهن. ۽ جيڪڏهن

لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّكُمْ مِّنْهُ ع

ته سڌي راهه ڏئي ها توهان سڀني کي. اهو ئي آهي جنهن لاٿو آسمان مان پاڻي توهان لاءِ ان مان

(الله) گهري ها ته اوهان مڙني کي سڌو رستو ڏيکاري ها. اهو (الله) آهي جنهن آسمان مان اوهان لاءِ پاڻي وسايو منجهانئس

شَرَابٌ وَّمِنْهُ شَجَرٌ فِيْهِ تُسِيْمُوْنَ ﴿١٠﴾ يُنْۢبِتُ لَكُمْ بِهِ الزَّرْعَ

پيئو ٿا ۽ ان مان ڪي وڻ ٽڻ ٿا جن ۾ مال ٿا چاريو. ڦٽائي ٿو توهان لاءِ ان سان پوک

ڪجهه پيئڻ جو آهي ۽ منجهانئس جهنگ (پيدا ٿيندو) آهي جنهن ۾ مال چاريندا آهيو. ان سان پوک

وَالزَّيْتُوْنَ وَالنَّخِيْلَ وَالْاَعْنَابَ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ؕ اِنَّ
۽ زيتون ۽ ڪجيون ۽ انگور ۽ هر قسم جا ميوا، بيشڪ
۽ زيتون ۽ ڪجيون ۽ انگور ۽ هر جنس جا ميوا اوهان لاءِ ڄمائيندو آهي. بيشڪ اُن ۾

فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ۙ
انهيءَ ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سوچين ٿا. ۽ ڪم لاتائين توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن کي
سوچيندڙ قوم لاءِ ضرور نشاني آهي. ۽ اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن

وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؕ وَالنُّجُوْمُ مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
۽ سج ۽ چنڊ کي، ۽ ستارا به ڪم ڪندڙ آهن ان جي حڪم سان، بيشڪ انهيءَ ۾
۽ سج ۽ چنڊ تابع ڪيائين، ۽ تارا سندس حڪم سان تابع ڪيل آهن.بيشڪ اُن ۾ سمجهدار قوم لاءِ ضرور

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۱۲﴾ وَمَا ذَرَاَ لَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُخْتَلِفًا
نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن ٿا. ۽ جيڪي پيدا ڪيائين توهان لاءِ ڌرتيءَ ۾ جدا جدا آهن
نشانيون آهن. ۽ قسمين قسمين رنگن جون (شيون ۽ جانور) جيڪي زمين ۾ پيدا ڪيائين سي به اوهان لاءِ آهن.

اَلْوَانُهٗ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿۱۳﴾ وَهُوَ الَّذِيْ
رنگ انهن جا، بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڌيان ڪن ٿا. ۽ اهو ئي آهي جنهن
بيشڪ اُن ۾ نصيحت وٺندڙ قوم لاءِ ضرور نشاني آهي. ۽ اهو (الله) آهي جنهن درياءَ کي هن لاءِ

سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَاْكُلُوْا مِنْهُ لَحْمًا طَرِيًّا وَّتَسْتَخْرِجُوْا مِنْهُ حِلْيَةً
تابع ڪيو سمنڊ کي جئن کائو ان مان گوشت تازو ۽ ڪيو انهيءَ مان زيور
تابع ڪيو ته اوهين منجهانئس تازو گوشت (يعني مڇي) کائو ۽ منجهانئس اهي زيور (يعني موتي) ڪڍو

تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ
جن کي پايو ٿا، ۽ ڏسين ٿو ٻيڙيون چيري هلندڙ ان ۾ ۽ جئن تلاش ڪريو ان جي فضل مان ۽
جيڪي اوهين پائيندا آهيو ۽ منجهس ترندڙ ٻيڙيون ڏسندو آهين ۽ انهيءَ لاءِ ته اوهين سندس رزق ڳوليو ۽

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۴﴾ وَاَلْقٰى فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ
جئين شڪر ڪريو. ۽ وڌائين ڌرتيءَ ۾ جبل متان لوڏي توهان کي
ته مَن اوهين شڪرانو ڪريو. ۽ زمين ۾ مضبوط جبل کوڙيائين ته متان اوهان کي ڏوڏو ڏئي

وَاَنْهٰرًا وَّسُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۵﴾ وَعَلٰمٰتٍ ؕ وَبِالنَّجْمِ هُمْ
۽ نهرون ۽ رستا جئن توهان سڌا هلو. ۽ نشانيون، ۽ ستارن سان اهي
۽ نديون (وهايائين) ۽ رستا بڻايائين ته مَن اوهين سڌو رستو لهو. ۽ (ٻيا به گهڻا) نشان. ۽ تارن سان اُهي (ماڻهو)

يَهْتَدُوْنَ ﴿١٦﴾ اَفَمَنْ يَّخْلُقُ كَمَنْ لَّا يَخْلُقُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٧﴾

رستا لهندا آهن. ڇا پوءِ جيڪو پيدا ڪري ٿو ان جهڙو آهي جيڪو نه ٿو پيدا ڪري، پوءِ ڇو نه ٿا سمجهو.

سڌو رستو لهندا آهن. جيڪو پيدا ڪري سو انهيءَ جهڙو آهي ڇا جو (ڪجهه به) پيدا نه ڪري؟ پوءِ ڇو نه نصيحت وٺندا آهيو؟

وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨﴾

۽ جيڪڏهن شمار ڪندؤ الله جي نعمتن کي ته نه ڳڻي سگهندؤ انهن کي، الله بخشيندڙ مهربان آهي

جيڪڏهن اوهين الله جي نعمتن کي ڳڻيو ته انهن کي (ڪڏهن به) ڳڻي نه سگهندؤ، ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي.

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿١٩﴾ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ

۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريو ٿا. ۽ جن کي سڏين ٿا

۽ جيڪي لڪائيندا آهيو ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندو آهي. ۽ جن کي الله کان سواءِ سڏيندا آهن

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمْوَاتٌ غَيْرُ

الله کان سواءِ اهي نه ٿا پيدا ڪن ڪا شيءِ ۽ اهي پاڻ پيدا ڪيا ويا آهن. اهي مئل آهن ناهن

سي ڪا شيءِ خلقي نه سگهندا آهن ۽ اهي (پاڻ) خلقيا ويا آهن. مردا بي جان آهن.

اَحْيَآءٍ ۚ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۙ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٢١﴾ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ

جيئرا، ۽ نه ٿا ڄاڻن ته ڪڏهن اٿاريا ويندا. معبود توهان جو خدا هڪڙو آهي،

۽ نه ڄاڻندا آهن ته ڪڏهن اٿاريا ويندا. اوهان جو معبود هڪڙو خدا آهي.

فَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّهُمْ

پوءِ جيڪي نه ٿا يقين رکن آخرت تي دليون انهن جون انڪار ڪندڙ آهن ۽ اهي

پوءِ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جون دليون مڃڻ واريون نه آهن ۽ اهي وڏائي

مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٢٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ؕ

پاڻ پڏائيندڙ آهن. سچي ڳالھ ته الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا.

ڪندڙ آهن. (ڪافر) جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي (هو) پڌرو ڪندا آهن سو بلاشڪ الله ڄاڻندو آهي.

اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ﴿٢٣﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ مَّاذَآ اَنْزَلَ

بيشڪ اهو نه ٿو پسند ڪري وڏائي خورن کي. ۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي ڇا نازل ڪيو آهي

بيشڪ اهو وڏائي ڪندڙن کي پسند نه ڪندو آهي. ۽ جڏهن انهن کي چئبو آهي ته اوهان جي پالڻهار ڇا نازل ڪيو آهي؟

رَبُّكُمْ ۙ قَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٤﴾ لِيَحْمِلُوْٓا اَوْزَارَهُمْ كَامِلَةً يَّوْمَ

توهان جي پروردگار، چون ٿا آڳاٽيون اڳين جون. جيئن کڻن پنهنجا بار پورا ڏينهن

(تڏهن) چوندا آهن ته اڳين جون آڳاٽيون (آهو سندن چوڻ) هن لاءِ آهي جو قيامت جي ڏينهن پنهنجا پورا بار کڻندا

الْقِيٰمَةِ ۙ وَمِنْ اَوْزَارِ الَّذِيْنَ يُضِلُّوْنَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اَلَا سَآءَ مَا

قيامت ۾ ۽ بار انهن جا پڻ جن کي گمراهه ٿا ڪن جهالت جي ڪري، خبردار بڇڙو آهي جيڪو

۽ جن کي بنا علم جي گمراهه ڪندا آهن تن جا (بہ) ڪجهه بار کڻندا، خبردار! جيڪو (بہ) بار کڻندا

يَزِرُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتَى اللّٰهُ بُنْيَانَهُمْ

بار کڻن ٿا. دغا ڪري چڪا آهن جيڪي انهن کان اڳ هئا پوءِ ڊاتو الله انهن جي اڏاوتن کي

سو بڇڙو آهي!. جيڪي کائن اڳ هئا تن بيشڪ فريب ڪيو پوءِ الله جي حڪم سندن اڏاوتن کي بنيادن

مِّنَ الْقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيْهِمُ السَّقْفُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ

پيڙهه کان پوءِ ڪري پئي انهن جي ڇت انهن جي مٿان ۽ آيو انهن تي عذاب

کان پٽيو پوءِ انهن تي مٿانئن ڇت اچي ڪري ۽ کين عذاب اُتان پهتو

مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُخْزِيْهِمْ وَيَقُوْلُ

اتان کان جو پروڙ ئي نہ پيئن. پوءِ قيامت ڏينهن خوار ڪندو انهن کي ۽ چوندو

جتان ڄاڻائون ئي نہ ٿي. وري قيامت جي ڏينهن کين خوار ڪندو ۽ چوندو تہ (اوهان جا) مون

اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تُشَآقُّوْنَ فِيْهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا

ڪٿي آهن منهنجا شريڪ اهي جو توهان ضد ڪندا هئا انهن بابت، چوندا اهي جن کي ڏنو ويو

سان ٺهرايل شريڪ جن جي بابت اوهين تڪرار ڪندا هيو سي ڪٿي آهن؟ جن کي علم ڏنو ويو سي چوندا

الْعِلْمَ اِنَّ الْخِزْيَ الْيَوْمَ وَالسُّوْٓءَ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٧﴾ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ

علم بيشڪ اڄ خواري ۽ خرابي آهي انهن ڪافرن تي. جن جو ساهه ڪڍندا

تہ اڄ انهن ڪافرن تي خواري ۽ بڇڙائي آهي. جن جو ملائڪ اهڙي حالت ۾ ساهه ڪڍندا آهن

الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۪ فَاَلْقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعْمَلُ مِنْ

ملائڪ اهڙي حالت ۾ جو ظلم ڪندڙ هئا پاڻ تي پوءِ اهي پيش ڪندا صلح کي تہ اسان ڪانہ ڪئي هئي ڪا

جو پاڻ تي ظالم هئا، اهي صلح پيش ڪندا (۽ چوندا تہ) اسان ڪا بڇڙائي نہ ڪئي هئي.

سُوْٓءٍ ؕ بَلٰٓى اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ

بڇڙائي، هائو بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي اوهين ڪندا هئا. پوءِ داخل ٿيو دروازن

(ملائڪ چوندا تہ) هائو! جيڪي اوهين ڪندا رهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي. پوءِ دوزخ جي دروازن مان گهڙو

جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَقِيْلَ

دوزخ جي ۾ رهندؤ هميشان ۾، پوءِ البت بڇڙي آهي جاءِ متڪبرن جي. ۽ چيو ويو

منجهس سدائين رهندڙ هجو، پوءِ وڏائي ڪندڙن جي جاءِ بڇڙي آهي. ۽

لِلَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا مَاذَاۤ اَنۡزَلَ رَبُّكُمۡ ؕ قَالُوۡا خَيۡرًا ؕ لِلَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوۡا

پرهيزگارن کي ڇا کي نازل ڪيو توهان جي رب، چيائون ڀلي ڳالهه کي، جن چڱائي ڪئي

پرهيزگارن کي چئبو آهي تہ اوهان جي پالڻهار ڇا نازل ڪيو آهي؟ چوندا آهن تہ چڱائي، جن هن دنيا ۾ چڱائي ڪئي

فِىۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا حَسَنَةٌ ؕ وَلَدَارُ الۡاٰخِرَةِ خَيۡرٌ ؕ وَلَنِعۡمَ دَارُ

هن دنيا ۾ تن لاءِ چڱائي آهي، ۽ گهر آخرت جو تمام ڀلو آهي، ۽ ڏاڍي ڀلي آهي جاءِ

تن لاءِ چڱائي آهي- ۽ آخرت جو گهر ضرور ڀلو آهي، ۽ پرهيزگارن جو گهر ضرور ڀلو آهي.

الۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿۳۰﴾ جَنّٰتُ عَدۡنٍ يَّدۡخُلُوۡنَهَا تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ

پرهيزگارن جي. باغ آهن هميشہ رهڻ لاءِ جن ۾ داخل ٿيندا وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون

جو هميشہ جي رهڻ وارا باغ آهن، اُن ۾ گهڙندا اُنهن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن،

لَهُمۡ فِيۡهَا مَا يَشَآءُوۡنَ ؕ كَذٰلِكَ يَجۡزِى اللّٰهُ الۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿۳۱﴾ الَّذِيۡنَ

انهن لاءِ اتي آهي جيڪي گهرندا، اهڙي طرح بدلو ڏيندو الله پرهيزگارن کي. اهي جن جو

جيڪي گهرندا سو اُنهن لاءِ منجهن آهي، اَهڙيءَ طرح الله پرهيزگارن کي بدلو ڏيندو. (اِهي اُهي آهن) جن کي

تَتَوَفّٰٮهُمُ الۡمَلٰٓـئِكَةُ طَيِّبِيۡنَ ۙ يَقُوۡلُوۡنَ سَلٰمٌ عَلَيۡكُمُ ۙ ادۡخُلُوا

ساهہ قبض ڪن ٿا ملائڪ اهڙي حال ۾ جو خوش ٿيندڙ آهن چوندن سلام هجي توهان تي داخل ٿيو

ملائڪ پاڪ حالت ۾ ماريندا آهن (ملائڪ) چوندا آهن السلام عليڪم!

الۡجَـنَّةَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۳۲﴾ هَلۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ تَاۡتِيَهُمُ

جنت ۾ جو توهان عمل ڪندا هئا. نہ ٿا انتظار ڪن ڪافر مگر هي تہ اچن انهن ڏانهن

جيڪي (عمل) ڪندا هيو تنهن سببان بهشت ۾ گهڙو. ڪافر (موت جي) ملائڪن جي پاڻ وٽ اچڻ

الۡمَلٰٓـئِكَةُ اَوۡ يَاۡتِىَ اَمۡرُ رَبِّكَ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ

ملائڪ يا اچي حڪم تنهنجي رب جو، ائين ئي ڪيو هئو انهن جي ڪانئن اڳ هئا،

يا تنهنجي پالڻهار (جي عذاب) جي حڪم اچڻ کان سواءِ (ٻيو) ڪو انتظار نہ ڪندا آهن. جيڪي ڪانئن

وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰـكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ ﴿۳۳﴾

۽ نہ ظلم ڪيو انهن تي الله پر پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪندا هئا.

اڳ هئا تن بہ اهڙي طرح ڪيو هو، ۽ الله مٿن ظلم نہ ڪيو پر اهي پاڻ تي ظلم ڪندا هئا.

فَاَصَابَهُمۡ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوۡا وَحَاقَ بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ

پوءِ پهتي انهن کي سزا سندن بڇڙن ڪمن جي ۽ اٿلي پيو انهن تي اهو جنهن ڳالهہ تي

پوءِ کين سندن ڪرتوتن جي بڇڙائي پهتي ۽ جنهن لاءِ ٺٺوليون ڪندا هئا سا کين ويڙهي ويئي.

ع٩/١٠ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٤﴾ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا

توكون كندا هئا. ۽ چيو انهن جن شرڪ ڪيو جيڪڏهن گهري ها الله تہ نہ پوڄا ڪريون ها

۽ مشرڪ چوندا آهن تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ ان کان سواءِ ڪا شيءِ نڪي اسين پوڄيون

مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَیْءٍ نَّحْنُ وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ

انهيءَ کان سواءِ ڪنهن جي اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا ۽ نڪي حرام ڪريون ها ان جي چوڻ کانسواءِ

ها ۽ نڪي اسان جا ابا ڏاڏا (پوڄين ها) ۽ نڪي ان جي حڪم کان سواءِ ڪا شي حرام ڪريون ها!

مِنْ شَیْءٍ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ

ڪا شيءِ، ائين ئي ڪيو هئو انهن جيڪي کانئن اڳ هئا، پوءِ ناهي رسولن تي

اهڙي طرح جيڪي کانئن اڳ هئا تن بہ ڪيو هو پوءِ پيغمبرن تي پڌري (پيغام) پهچائڻ

اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٣٥﴾ وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِیْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا

مگر پيغام پهچائڻ پڌرو. ۽ اسان موڪليا سون هر قوم ۾ رسول

کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ لازم) نہ آهي. ۽ بيشڪ هر قوم ۾ (هڪ) پيغمبر موڪليوسون

اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى

تہ عبادت ڪريو الله جي ۽ پري ٿيو هر باطل کان، پوءِ انهن مان ڪن کي هدايت ڪئي

تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ بتن (جي پوڄا) کان پري ٿيو، پوءِ منجهانئن ڪي اهڙا آهن جن کي الله هدايت ڪئي

اللّٰهُ وَمِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ ؕ فَسِيْرُوْا فِی الْاَرْضِ

الله ۽ انهن مان ڪي آهن جن تي ثابت ٿي گمراهي، پوءِ گهمو ڌرتي ۾

۽ منجهانئن ڪي اهڙا آهن جن تي گمراهي ثابت ٿي، پوءِ ملڪن ۾ گهمو وري ڏسو

فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٦﴾ اِنْ تَحْرِصْ

پوءِ ڏسو ڪيئن ٿي پڇاڙي ڪوڙي ڪندڙن جي. جيڪڏهن تون حرص ڪرين

تہ ڪوڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟. (اي پغيمبرا) جيڪڏهن هنن کي هدايت ڪرڻ لاءِ حرص ڪندين (تہ منجهانئن

عَلٰى هُدٰىهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِیْ مَنْ يُّضِلُّ وَمَا لَهُمْ مِّنْ

انهن جي هدايت تي تہ الله نہ ٿو راهہ ڏيکاري جنهن کي گمراهہ ڪري ۽ ناهي انهن لاءِ ڪوئي

ڪنهن فائدو نہ آهي) ڇو تہ الله جنهن کي گمراه ڪندو آهي تنهن کي هدايت نہ ڪندو آهي ۽ انهن جو ڪوبہ

نّٰصِرِيْنَ ﴿٣٧﴾ وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ لَا يَبْعَثُ اللّٰهُ مَنْ

مددگار. ۽ قسم کڻيائون الله جا پڪا قسم تہ نہ اٿاريندو الله ان کي جيڪو

مددگار نہ آهي. ۽ الله جو پڪيءَ طرح قسم کنيائون تہ جيڪو مرندو تنهن کي الله (وري) نہ جياريندو.

يَّمُوْتُ ؕ بَلٰى وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۙ ﴿٣٨﴾

مري ٿو. هائو وعدو ٿيل آهي انهيءَ تي سچو پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن.

هائو! وري (جياريندو) اُن (ڳالهہ) تي وعدو پڪ تي چڪو آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن.

لِيُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِيْ يَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا

هن لاءِ تہ ظاهر ڪري انهن تي اهو جنهن ۾ اختلاف ڪندا هئا ۽ هن لاءِ جو ڄاڻن ڪافر

هن لاءِ (وري جياريندو) تہ جنهن بابت تڪرار ڪندا آهن سو اُنهن کي (الله) پڌرو ڪري ڏيکاري ۽ تہ ڪافر ڄاڻن

اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰذِبِيْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّمَا قَوْلُنَا لِشَيْءٍ اِذَآ اَرَدْنٰهُ اَنْ نَّقُوْلَ

تہ يقينن اهي ڪوڙا هئا. رڳو اسان جو چوڻ ڪنهن شيءِ کي جڏهن ارادو ڪريون انهيءَ جو تہ چوندا آهيون

تہ اهي (پاڻ) ڪوڙا هئا. ڪنهن بہ شيءِ لاءِ اسان جو چوڻ بس هي آهي تہ، جڏهن اسين اُن کي (پيدا ڪرڻ) گهرندا

لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٤٠﴾ ع وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ

ان کي ٿيءُ تہ ٿي پوندي آهي. ۽ جن گهر ڇڏيا الله واسطي بعد

آهيون تڏهن ان کي چوندا آهيون تہ، "ٿيءُ!" تہ ٿي پوندي آهي. ۽ جن پاڻ تي ظلم ٿيڻ کان پوءِ الله (جي وات)

مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ

مظلوم ٿيڻ جي ضرور رهائينداسون انهن کي دنيا ۾ چڱي جاءِ تي، ۽ ثواب آخرت جو تمام وڏو آهي،

۾ وطن ڇڏيو تن کي ضرور دنيا ۾ چڱي جاءِ ڏيندا آهيون، ۽ ضرور آخرت جو اَجر تمام وڏو آهي،

لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ۙ ﴿٤١﴾ الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٤٢﴾

ڪاش جي ڄاڻندا هجن ها. اهي جن سهپ ڪئي ۽ پنهنجي رب تي ڀروسو ڪن ٿا.

ڪاش! جو ڄاڻن ها. (اهي نعمتون اُنهن کي آهن) جن صبر ڪيو ۽ (جي) پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪن ٿا.

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ فَسْئَلُوْٓا اَهْلَ

۽ نہ موڪليا سون توکان اڳي مگر مرد جو وحي ڪندا هئاسون انهن ڏانهن پوءِ پڇا ڪريو اهلِ

۽ (اي پيغمبرا) توکان اڳ (ڪو پيغمبر) مردن کان سواءِ نہ موڪليو اٿئون اُنهن ڏانهن وحي ٿي ڪيوسون پوءِ (اي انسانو!)

الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۙ ﴿٤٣﴾ بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ ؕ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ

علم کان جيڪڏهن توهان نہ ٿا ڄاڻو. موڪلياسون معجزن سان ۽ ڪتابن سان، ۽ نازل ڪيوسون توڏانهن

جيڪڏهن (اوهين) نہ ڄاڻندا آهيو تہ علم وارن کان پڇو. دليلن ۽ ڪتابن سان (موڪلياسون). ۽ اسان توڏانهن قرآن

الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ وَلَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٤٤﴾

هي قرآن جيئن تون بيان ڪرين ماڻهن لاءِ جنهن کي لاٿو ويو انهن ڏانهن ۽ جيئن تہ اهي فڪر ڪن.

هن لاءِ نازل ڪيو تہ جيڪي ماڻهن لاءِ نازل ڪيو ويو آهي سو اُنهن کي بيان ڪري ڏيکارين ۽ مَنَ اهي سوچين.

ع ٥/٢ =

وقف لازم

النصف

أَفَأَمِنَ الَّذِينَ مَكَرُوا السَّيِّئَاتِ أَنْ يَخْسِفَ اللَّهُ بِهِمُ الْأَرْضَ

چا پوءِ بي خطر ٿيا آهن اهي جن رٿيا بڇڙا ڪم هن کان تہ گسوائي ڇڏي الله انهن کي ڌرتيءَ ۾

جن براين جي رٿ رٿي سي (هن کان) بي پروا ٿيا آهن، چا تہ الله کين زمين ۾ گھائي ڇڏي

أَوْ يَأْتِيَهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٤٥﴾ أَوْ يَأْخُذَهُمْ

يا اچي انهن ڏانهن عذاب اتان جو کين پتو ئي نہ پوي. يا پڪڙي انهن کي

يا جتان نہ ڄاڻندا هجن اتان مٿن عذاب اچي؟ يا انهن کي سندن گھمڻ ڦرڻ ۾ پڪڙي

فِي تَقَلُّبِهِمْ فَمَا هُمْ بِمُعْجِزِينَ ﴿٤٦﴾ أَوْ يَأْخُذَهُمْ عَلَىٰ تَخَوُّفٍ

سندن گھمڻ ڦرڻ ۾ پوءِ ناهن اهي عاجز ڪندڙ. يا وٺ ڪري انهن کي ڊيڄارڻ کان پوءِ،

پوءِ اهي عاجز ڪرڻ وارا نہ آهن. يا ڀوائتي حالت ۾ کين پڪڙي، پوءِ اوهان جو

فَإِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوفٌ رَحِيمٌ ﴿٤٧﴾ أَوَلَمْ يَرَوْا إِلَىٰ مَا خَلَقَ اللَّهُ مِنْ

پوءِ بيشڪ توهان جو رب نرمي ڪندڙ مهربان آهي. ڇا نہ تا ڏسن ان طرف جا پيدا ڪئي آهي الله ڪا بہ

پالڻهار ٻاجهارو مهربان آهي. الله جيڪي شيون خلقيون تن ڏانهن ڇو نہ ڏسندا آهن جو

شَيْءٍ يَتَفَيَّأُ ظِلَالُهُ عَنِ الْيَمِينِ وَالشَّمَائِلِ سُجَّدًا لِلَّهِ وَهُمْ

شيءِ لڙن ٿا پاڇا ان جا ساڄي طرف ۽ کاٻي طرف سجدو ڪندي الله کي ۽ اهي

سندن پاڇا ساڄي ۽ کاٻي (پاسي) الله کي سجدو ڪندڙ ٿي لڙندا آهن ۽ اهي

دَاخِرُونَ ﴿٤٨﴾ وَلِلَّهِ يَسْجُدُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ

عاجزي ڪندڙ آهن. ۽ الله کي ئي سجدو ڪري ٿو جيڪو بہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي

عاجزي ڪندڙ آهن. ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي سو ۽ جيڪي ساهدار زمين ۾ آهن سيءَ ملائڪ

مِنْ دَابَّةٍ وَالْمَلَائِكَةُ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُونَ ﴿٤٩﴾ يَخَافُونَ

جانور ۽ ملائڪ ۽ اهي وڏائي نہ ٿا ڪن. ڊڄن ٿا

(سڀ)، الله کي سجدو ڪندا آهن ۽ اهي وڏائي نہ ڪندا آهن. (ملائڪ) پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن

السجدة ۳ ع ۶/۱۲ رَبَّهُمْ مِنْ فَوْقِهِمْ وَيَفْعَلُونَ مَا يُؤْمَرُونَ ﴿٥٠﴾ السجدة ع وَقَالَ

پنهنجي رب کان جو سندن مٿان آهي ۽ ڪن ٿا جيڪي حڪم تو ٿئين. ۽ فرمايو

جو سندن مٿان آهي ۽ جيڪو حڪم ڪبو اٿن سو ڪندا آهن. ۽ الله فرمايو آهي تہ

اللَّهُ لَا تَتَّخِذُوا إِلَٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ۖ إِنَّمَا هُوَ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ ۖ فَإِيَّايَ

الله نہ وٺو ٻہ ڪري خدا رڳو اهو معبود هڪ آهي، پوءِ مون کان ئي

اوهين ٻہ خدا ڪري نہ وٺو، اِن هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جو لائق نہ آهي،

فَارْهَبُوْنِ ﴿٥١﴾ وَلَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَهُ الدِّيْنُ

ڊڄو. ۽ انجو آهي جيڪي آسمانن ۾ زمين ۾ آهي ۽ ان جو دين

تنهن ڪري اوهين خاص مون کان ڊڄندا رهو. ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سندس آهي ۽ اُن جي عبادت سدائين

وَاصِبًا ؕ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَتَّقُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَمَا بِكُمْ مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ

دائمي آهي، ڇا پوءِ الله کان سواءِ ٻين کان ڊڄو ٿا؟ ۽ جا به توهان وٽ نعمت آهي سا طرفان الله جي آهي

(لازم) آهي. پوءِ الله کان سواءِ ٻين کان ڇو ڊڄندا آهيو؟ ۽ جيڪا نعمت اوهان تي ٿيل آهي سا الله جي پار کان آهي.

ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَاِلَيْهِ تَجْـَٔرُوْنَ ﴿٥٣﴾ ج ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ

پوءِ جڏهن پهچي ٿي توهان کي ڪا تڪليف پوءِ ان ڏانهن ئي رڙو ٿا، پوءِ جڏهن لاهي ٿو تڪليف

پوءِ جڏهن اوهان تي سختي پهچي ٿي تڏهن ڏانهس دانهون ڪندا آهيو. وري جڏهن اوهان کان ڏک لاهي

عَنْكُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْكُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٥٤﴾ لا لِيَكْفُرُوْا بِمَآ

توهان کان ان مهل هڪڙا توهان مان پنهنجي رب سان شرڪ ٿا ڪن. جئن انڪار ڪن انهيءَ شيءِ کان

(تڏهن) جهٽ پٽ اوهان مان ڪا ٽولي پنهنجي پالڻهار سان شريڪ مقرر ڪندي آهي. هن لاءِ ته ڪين جيڪي ڏنوسون

اٰتَيْنٰهُمْ ؕ فَتَمَتَّعُوْا قف فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَيَجْعَلُوْنَ لِمَا لَا يَعْلَمُوْنَ

جا اسان ڏني انهن کي، پل مزا وٺو، پوءِ سگهو ئي ڄاڻندؤ. ۽ ڪن ٿا انهن لاءِ جي نه ٿا ڄاڻن

تنهن جي بي شڪري ڪن. پوءِ دنيا ۾ خوش گذاريو، پوءِ سگهو ڄاڻندؤ. ۽ جيڪي ڪين ڏنوسون تنهن مان (ڪافر) انهن

نَصِيْبًا مِّمَّا رَزَقْنٰهُمْ ؕ تَاللّٰهِ لَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَفْتَرُوْنَ ﴿٥٦﴾

ڀاڱو ان مان جيڪي اسان ڏنو اٿن، قسم الله جو ضرور پڇا ڪيا ويندؤ ان جي جيڪي توهان ٺاهه ٺاهيندا هئا.

(بتن) لاءِ حصو مقرر ڪندا آهن جي نه ڄاڻندا آهن. الله جو قسم آهي ته جيڪي ٺاهه ٺاهيندا آهيو تنهن بابت ضرور پڇيا ويندؤ.

وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ الْبَنٰتِ سُبْحٰنَهٗ لا وَلَهُمْ مَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِذَا

۽ ڪن ٿا الله لاءِ ڌيئر اهو پاڪ آهي ۽ پنهنجي لاءِ جيڪي وڻين ٿو. ۽ جڏهن

۽ الله لاءِ ڌيئرون (مقرر) ڪندا آهن، اهو پاڪ آهي، ۽ پاڻ لاءِ جيڪي وڻندو اٿن (يعني پٽ، سو مقرر ڪندا آهن). ۽ جڏهن

بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ﴿٥٨﴾ ج

واڌائي ڏني وڃي ٿي ڪنهن کي ڌيءَ جي ته ٿئي ٿو منهن ان جو ڪارو ۽ اهو آهي ڏک پريل.

منجهانئن ڪنهن هڪ کي ڌيءَ (ڄمڻ) جي خبر ڏبي آهي (تڏهن) سندس منهن ڪارو ٿي ويندو آهي ۽ اهو ڏک پريل ٿيندو آهي.

يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمْسِكُهٗ

لڪندو آهي ماڻهن کان ان جي برائي کان جنهن جي ڪيس خوشخبري ڏني وئي، ڇا جهلي انهيءَ کي

جيڪا ڪيس خراب خبر ڏني ويئي تنهن جي (ناراضپي) سببان قوم کان پيو لڪندو آهي. (گهٽتيءَ ۾ پوندو آهي ته) ان (ڌيءَ)

عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِى التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٥٩﴾

خواري تي يا پوري انکي متيءَ ۾، خبردار بڇڙو آهي جيڪو فيصلو ٿا ڪن.

جي ٻار) کي خواريءَ هوندي (بہ زنده) رکي يا ان کي متيءَ ۾ دبي ڇڏي، خبردار! اهي جيڪو فيصلو ڪندا آهن سو بڇڙو آهي.

لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ السَّوْءِ ۚ وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ

انهن جو جيڪي نہ ٿا مڃين آخرت کي حال بڇڙو آهي، ۽ الله جو شان

جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن تن جو مثال بڇڙو آهي۔ ۽ الله جو مثال مٿاهون آهي،

ع ١٤ اَلْاَعْلٰى ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٠﴾ وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ

بلند آهي، ۽ اهو زبردست آهي حڪيم آهي. ۽ جيڪڏهن پڪڙي ها الله ماڻهن کي سندن ظلم جي ڪري

۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ظلم سببان پڪڙي

مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ

تہ نہ ڇڏي ها ڌرتي تي ڪوئي چرندڙ پر دير ڏئي ٿو انهن کي مدت مقرر تائين،

تہ ڪنهن چُرندڙ کي زمين تي نہ ڇڏي پر انهن کي مقرر مدت تائين مهلت ڏيندو آهي،

فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٦١﴾

پوءِ جڏهن ايندو وقت انهن جو تہ نہ پوئتي ٿيندا ڪا گهڙي ۽ نہ اڳتي ٿيندا.

پوءِ جنهن مهل سندن مدت پهچندي (تنهن مهل) هڪ گهڙي نڪي دير ڪندا ۽ نڪي اڳيرو ويندا.

وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَتَصِفُ اَلْسِنَتُهُمُ الْكَذِبَ اَنَّ

۽ ڪن ٿا الله لاءِ جا پاڻ نہ ٿا پسند ڪن ۽ هڻن ٿيون زبانون انهن جون ڪوڙ تہ

۽ الله لاءِ اهَا شيءِ مقرر ڪندا آهن جيڪا (پاڻ) ناپسند ڪندا آهن ۽ سندن زبانون ڪوڙ بڪنديون آهن تہ،

لَهُمُ الْحُسْنٰى ؕ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَاَنَّهُمْ مُّفْرَطُوْنَ ﴿٦٢﴾ تَاللّٰهِ

پاڻ لاءِ آهي هر ڀلائي، بلاشڪ انهن لاءِ آهي باهہ ۽ اهي حد کان لنگهيل آهن. قسم الله جو

سندن لاءِ (چوٽڪاري جي) چڱائي آهي، بلاشڪ انهن لاءِ (دوزخ جي) باهہ آهي ۽ اهي حد کان لنگهي ويل آهن. الله

لَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ

اسان رسول موڪليا سي ڪيترين قومن ڏانهن توکان اڳ ۾ پوءِ سينگاريا انهن لاءِ شيطان سندن ڪم

جو قسم آهي! تہ بيشڪ توکان اڳ امتن ڏانهن (پيغمبر) موڪلياسون پوءِ ڪين شيطان سندن عمل چڱا ڪري ڏيکاريا

فَهُوَ وَلِيُّهُمُ الْيَوْمَ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ

پوءِ اهو انهن جو سنگتي آهي اڄ ۽ انهن لاءِ آهي عذاب دردناڪ. ۽ نہ لاٿوسون توتي

پوءِ اهو اڄ سندن دوست آهي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.۽ (اي پيغمبر!) توتي ڪتاب هن ڪان سواءِ نازل نہ ڪيوسون

الْكِتٰبَ اِلَّا لِتُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِي اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةً

ڪتاب مگر هن لاءِ تہ ٻڌائين تون انهن کي اهو جو اختلاف ڪيائون ان ۾ ۽ ڏس پلو ۽ ٻاجھ

تہ جن ان بابت تڪرار ڪيو تن لاءِ تون وضاحت ڪرين ۽ (پڙ) مومن قوم لاءِ هدايت ۽ ٻاجهہ آهي.

لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَاللّٰهُ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين. ۽ الله لاٿو آسمان کان پاڻي پوءِ آباد ڪيائين انهيءَ سان

۽ الله آسمان کان (مينهن جو) پاڻي وسايو پوءِ ان سان زمين کي

الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٥﴾ ع ١٤

ڌرتي کي غير آبادي کان پوءِ، بيشڪ ان ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ٻڌن ٿا.

سندس ويرانيءَ کانپوءِ آباد ڪيائين. بيشڪ ان ۾ ٻڌندڙ قوم لاءِ نشاني آهي.

وَاِنَّ لَكُمْ فِي الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ؕ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهٖ

۽ بيشڪ توهان لاءِ چوپاين ۾ اچرج آهي، پياريون ٿا توهان کي ان مان جيڪي سندن پيٽن ۾ آهي

۽ بيشڪ ڍورن ۾ اوهان لاءِ عبرت آهي، جيڪي سندن پيٽن ۾ آهي تنهن مان

مِنْۢ بَيْنِ فَرْثٍ وَّدَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآئِغًا لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَ

وچان چيڙهي ۽ رت جي کير نجو وڻندڙ پيئندڙن کي ۽

چيڙهہ ۽ رت جي وچان نج کير اوهان کي پياريندا آهيون جو پيئندڙن کي لذت ڏيندڙ آهي. ۽

مِنْ ثَمَرٰتِ النَّخِيْلِ وَالْاَعْنَابِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْهُ سَكَرًا وَّرِزْقًا

ڦل کجين ۽ انگورن جي مان وٺو ٿا ان مان نشو ۽ کاڌو

کجين جي ۽ انگورن جي ميون مان ڪو (اهڙو قسم) آهي جو ان مان شراب ۽ سٺي روزي ٺاهيندا آهيو.

حَسَنًا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَاَوْحٰى رَبُّكَ

ڀلو. بيشڪ ان ۾ اهڃاڻ آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن. ۽ حڪم ڏنو تنهنجي رب

بيشڪ ان ۾ سمجھدار قوم لاءِ نشاني آهي. ۽ تنهنجي پالڻهار ماکيءَ جي مک ڏانهن الهام ڪيو

اِلَى النَّحْلِ اَنِ اتَّخِذِيْ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا وَّمِنَ الشَّجَرِ وَ

ماکيءَ جي مک کي تہ ٺاهہ جبلن ۾ گهر ۽ وڻن ۾ ۽

تہ ڪن جبلن ۾ ۽ وڻن ۾ ۽ جن (شين) مان (ماڻهو گهرن جون) ڇتيون جوڙيندا آهن تن ۾ گهر ٺاهہ!

مِمَّا يَعْرِشُوْنَ ﴿٦٨﴾ ثُمَّ كُلِيْ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسْلُكِيْ سُبُلَ

جتي پيهما ٿا ڇاهين. پوءِ کاءُ سڀني ميون مان پوءِ هل پنهنجي

وري هر جنس جي ميون مان کاءُ! پوءِ پنهنجي پالڻهار جي واٽن تي آسانيءَ سان هل،

رَبِّكِ ذُلُلًا ط يَخْرُجُ مِنْ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ فِيْهِ

رب جي رستن سؤلن ۾. نڪري ٿي انهن جي پيٽن مان رس جدا جدا آهن رنگ انهيءَ جا انهيءَ ۾

سندس پيٽن مان رنگا رنگ پيئڻ جي شيءِ (يعني ماکي) نڪرندي آهي منجهس

شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ط اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَاللّٰهُ

شفا آهي ماڻهن لاءِ. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سوچ ڪن ٿا. ۽ الله

ماڻهن لاءِ شفا آهي، بيشڪ ان ۾ سوچ ڪندڙ قوم لاءِ عبرت آهي. ۽ الله

خَلَقَكُمْ ثُمَّ يَتَوَفّٰىكُمْ قف وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ

پيدا ڪيو توهان کي پوءِ موت ڏيندو توهان کي ۽ توهان مان ڪو موٽايو وڃي ٿو ردي عمر ڏانهن

اوهان کي خلقيو وري اوهان کي ماريندو، ۽ اوهان مان ڪو نڪمي (جهور) عمر ڏانهن هن لاءِ موٽايو ويندو آهي

لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ عِلْمٍ شَيْـًٔا ط اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿٧٠﴾ ع وَاللّٰهُ

جيئن نه ڄاڻي سمجهڻ کان پوءِ ڪجهه به، بيشڪ الله علم وارو قدرت وارو آهي. ۽ الله

ته ڄاڻڻ کان پوءِ ڪجهه نه ڄاڻي، بيشڪ الله وڏو ڄاڻندڙ وڏي وس وارو آهي. ۽ الله

فَضَّلَ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ فِى الرِّزْقِ ج فَمَا الَّذِيْنَ فُضِّلُوْا

وڌايو آهي توهان مان هڪڙن کي ٻين تي رزق ۾، پوءِ ناهن اهي جن کي وڌيڪ ڏنو ويو

اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان وڌيڪ روزي ڏني آهي، پوءِ اهي وڌ ڏنل روزي وارا

بِرَآدِّيْ رِزْقِهِمْ عَلٰى مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ ط

موٽائيندڙ پنهنجو رزق انهن تي جن تي مالڪ ٿيا سندن هٿ ته هجن اهي انهيءَ ۾ هڪ جهڙا.

پنهنجي روزيءَ کي پنهنجن ٻانهن تي موٽائڻ وارا نه آهن ته اهي (سڀ) منجهس برابر هجن.

اَفَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿٧١﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ

ڇا پوءِ الله جي ڏني تي انڪار ٿا ڪن. ۽ الله پيدا ڪيون توهان لاءِ توهان مان

پوءِ الله جي نعمتن جو ڇو انڪار ڪندا آهن؟ ۽ الله اوهان لاءِ اوهان جي جنس مان زالون پيدا

اَزْوَاجًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ بَنِيْنَ وَحَفَدَةً وَّ

عورتون ۽ پيدا ڪيائين توهان لاءِ توهان جي زالن مان پٽ ۽ پوٽا ۽

ڪيون ۽ اوهان جي زالن مان پٽ ۽ پوٽا (پيدا) ڪيائين ۽ اوهان کي سٺين

رَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ط اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَتِ اللّٰهِ

ڪارايائين توهان کي سٺيون شيون، ڇا پوءِ ڪوڙ کي مڃين ٿا ۽ الله جي نعمت جو

شين مان روزي ڏنائين، پوءِ ڇو باطل کي مڃيندا آهن ۽ اهي ڇو الله جي نعمتن جو انڪار ڪندا آهن؟

ع ٩ ٥

هُمْ يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ

اهي انڪار ٿا ڪن؟ ۽ پوڄا ٿا ڪن الله کان سواءِ انهيءَ جي جيڪو نہ ٿو مالڪ ٿئي

۽ الله ڌاران انهن جي عبادت ڪندا آهن جيڪي آسمانن ۽ زمين

لَهُمْ رِزْقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ شَيْـًٔا وَّلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٧٣﴾

ڪين رزق ڏيڻ جو آسمانن ۽ زمين مان ڪجهہ ۽ نڪي طاقت ٿي رکن ٿا.

مان ڪين روزي ڏيڻ جو ڪجهہ اختيار نہ رکندا آهن ۽ نہ ڪي (ڪجهہ ڪري) سگهندا آهن.

فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ ط اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ

پوءِ نہ ٺاهيو الله لاءِ مثال، بيشڪ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان

پوءِ الله لاءِ (بڇڙا) مثال بيان نہ ڪريو، ڇو تہ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين

لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧٤﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا يَقْدِرُ عَلٰى

نہ ٿا ڄاڻو. ڏنو الله مثال هڪ ٻانهي غلام جو جيڪو نہ ٿو وس رکي ڪنهن

نہ ڄاڻندا آهيو. الله هڪ خريد ٿيل ٻانهي جو مثال بيان ڪري ٿو جنهن جو ڪنهن شيءِ تي وس نہ هجي

شَيْءٍ وَّمَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا

شيءِ تي ۽ ان جو جنهن کي رزق ڏنو سون پنهنجي طرفان رزق سٺو پوءِ اهو خرچي ٿو ان مان لڪائي

۽ (ٻيو) اهو جنهن کي پاڻ وٽان چڱي روزي ڏني سون پوءِ اهو ان مان (اسان جي واٽ ۾) ڳجهو ۽ پڌرو خرچ ڪندو هجي

وَّجَهْرًا ط هَلْ يَسْتَوٗنَ ط اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ط بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾

۽ ظاهر ڪري، ڇا اهي برابر ٿيندا، سڀ تعريف الله جي آهي، پر گهڻا انهن مان نہ ٿا ڄاڻن.

(اهي ٻئي پاڻ ۾) برابر آهن ڇا؟ سڀ ساراهہ الله کي جڳائي، پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن.

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيْنِ اَحَدُهُمَآ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰى

۽ ٻڌايو الله ٻيو مثال ٻن مردن جو هڪڙو ٻنهي مان گونگو آهي جو نہ ٿو وس رکي ڪنهن

۽ الله ٻن ماڻهن جو (ٻيو) مثال بيان ڪري ٿو جن ٻنهي مان هڪڙو گونگو هجي ڪنهن شيءِ تي وس ڪونہ هجيس

شَيْءٍ وَّهُوَ كَلٌّ عَلٰى مَوْلٰىهُ لا اَيْنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ ط

شيءِ تي ۽ اهو ٻار آهي پنهنجي مالڪ تي جاڏي موڪليس ٿو نہ ٿو آڻي ڪا ڀلائي،

۽ اهو پنهنجي مالڪ تي بار هجي جيڏانهن موڪليس اتان ڪا ڀلائي نہ آڻي.

هَلْ يَسْتَوِيْ هُوَ لا وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ لا وَهُوَ عَلٰى صِرَاطٍ

ڇا برابر ٿئي ٿو هي ۽ اهو جيڪو حڪم ڪري انصاف سان ۽ اهو آهي رستي

اهو انهيءَ جي برابر آهي ڇا جيڪو انصاف جو حڪم ڏئي ۽ اهو سڌي واٽ تي هجي؟

مُّسْتَقِيمٍ ﴿٧٦﴾ وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَمَآ اَمْرُ

سڌي تي. ۽ الله لاءِ آهي ڳجهه آسمانن ۽ زمين جو. ۽ ناهي واقعو

۽ آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه الله کي (معلوم) آهي. ۽ قيامت (آٿڻ) جو ڪم (سندس اڳيان)

السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمْحِ الْبَصَرِ اَوْ هُوَ اَقْرَبُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ

قيامت جو مگر اک ڇنڀ وانگر يا ان کان بہ جلد. بيشڪ الله

رڳي اک ڇنڀ (جي دير) جهڙو آهي، بلڪ اهو انهيءَ کان بہ وڌيڪ نزديڪ آهي، ڇو تہ الله

عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٧٧﴾ وَاللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ

هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ الله ڪڍيو توهان کي پيٽن مائرن جي مان

سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. ۽ الله اوهان کي اوهان جي مائرن جي پيٽن مان ڪڍيو

لَا تَعْلَمُوْنَ شَيْـــًٔا ۙ وَّجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ۙ

نہ پيا سمجهو ڪجهہ بہ ۽ بڻايائين توهان لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون

جو ڪجهہ نہ ڄاڻندا هيو ۽ اوهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايائين تہ مَن

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٨﴾ اَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ مُسَخَّرٰتٍ

جيئن تہ شڪر ڪريو. ڇا نہ ٿا ڏسن اڏامندڙن ڏانهن حڪم هيٺ آيل

اوهين شڪرانو ڪريو. آسمان جي فضا ۾ لڙڪيل پکين ڏانهن نہ ڏسندا آهن ڇا؟

فِيْ جَوِّ السَّمَاۗءِ ۭ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا اللّٰهُ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

آسمان جي فضا ۾. نہ ٿو جهلي انهن کي مگر الله، بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ

انهن کي الله کان سواءِ ڪوئي نہ جهليندو آهي. بيشڪ اُن ۾ ايمان واري قوم لاءِ نشانيون آهن.

يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْۢ بُيُوْتِكُمْ سَكَنًا وَّجَعَلَ

جيڪي يقين ڪن ٿا. ۽ الله بنايا توهان لاءِ توهان جا گهر رهڻ لاءِ ۽ ڪيائين

۽ الله اوهان جي گهرن مان اوهان لاءِ آرام (جو هنڌ) بڻايو ۽ ڍورن جي چمڙن مان اوهان لاءِ گهر

لَكُمْ مِّنْ جُلُوْدِ الْاَنْعَامِ بُيُوْتًا تَسْتَخِفُّوْنَهَا

توهان لاءِ کلن جانورن جي مان گهر، هلڪو پائيندا انهن کي

بڻايائين جن کي اوهين پنهنجي مسافريءَ جي ڏينهن ۽ پنهنجي ڪنهن هنڌ رهڻ جي ڏينهن ۾ هلڪو پائيندا آهيو

يَوْمَ ظَعْنِكُمْ وَيَوْمَ اِقَامَتِكُمْ ۙ وَمِنْ اَصْوَافِهَا وَاَوْبَارِهَا وَاَشْعَارِهَآ

پنهنجي سفر جي وقت ۽ ٽڪڻ جي ڏينهن ۽ ڪيائين انهنجي اُنَ ۽ انهن جي ملس ۽ انهن جي ڏاس مان

۽ سندن اُن ۽ سندن مِلسن ۽ سندن ڏاسن مان (گهر جو) اسباب ۽ فائدي جو

أَثَاثًا وَّمَتَاعًا إِلَىٰ حِينٍ ﴿٨٠﴾ وَاللَّهُ جَعَلَ لَكُم مِّمَّا خَلَقَ ظِلَالًا

ٿپڙ ۽ سامان ڪنهن وقت تائين. ۽ الله ڪيا توهان لاءِ پنهنجي مخلوق جا پاڇا

سامان بڻايو تا (جو ڪجھ) مدت تائين (ڪم ڏئي ٿو). ۽ الله پنهنجي خلقيل شين مان اوهان لاءِ ڇانئون بڻايون

وَّجَعَلَ لَكُم مِّنَ الْجِبَالِ أَكْنَانًا وَّجَعَلَ لَكُمْ سَرَابِيلَ

۽ ڪيائين توهان لاءِ جبلن ۾ جايون ۽ ڪيائين توهان لاءِ پوشاڪون جي

۽ جبلن مان اوهان لاءِ جُرون بڻايائين ۽ اوهان لاءِ ڪپڙا بڻايائين جي اوهان کي گرمي (۽ سردي) کان بچائيندا آهن

تَقِيكُمُ الْحَرَّ وَسَرَابِيلَ تَقِيكُم بَأْسَكُمْ ۚ كَذَٰلِكَ يُتِمُّ نِعْمَتَهُ

بچائن ٿيون توهان کي گرمي کان ۽ پوشاڪون جي بچائن ٿيون توهان کي جنگ ۾. اهڙي طرح پورو ڪري ٿو پنهنجو احسان

۽ ڪپڙا جي، اوهان کي اوهان جي ويڙھ کان بچائيندا آهن. اهڙيءَ طرح اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪندو آهي

عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُونَ ﴿٨١﴾ فَإِن تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلَاغُ

توهان تي ته جيئن توهان فرمانبردار ٿيو. پوءِ جيڪڏهن ڦري ويا ته رڳو توتي آهي پهچائڻ

ته مَنَ اوهين فرمانبرداري ڪريو. پوءِ جيڪڏهن ڦرندا ته (اي پيغمبر!) توتي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ (ٻيو ڪي) نه آهي.

الْمُبِينُ ﴿٨٢﴾ يَعْرِفُونَ نِعْمَتَ اللَّهِ ثُمَّ يُنكِرُونَهَا وَأَكْثَرُهُمُ

پڌرو. سڃاڻن ٿا الله جي نعمت کي پوءِ انڪار ٿا ڪن انجو ۽ گهڻا انهن مان

الله جي نعمت ڄاڻندا آهن، وري اُن کي نه مڃيندا آهن ۽ اُنهن مان گهڻا

الْكَافِرُونَ ﴿٨٣﴾ ع وَيَوْمَ نَبْعَثُ مِن كُلِّ أُمَّةٍ شَهِيدًا ثُمَّ لَا ع ١٧/١٤

بي شڪر آهن. ۽ جنهن ڏينهن بيهاريندا سون هر ٽولي مان شاهد پوءِ نه

ڪافر آهن. ۽ جنهن ڏينهن سڀ ڪنهن ٽوليءَ مان (هڪ) شاهد ڪڙو ڪنداسون اُنهيءَ ڏينهن

يُؤْذَنُ لِلَّذِينَ كَفَرُوا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُونَ ﴿٨٤﴾ وَإِذَا رَأَى الَّذِينَ

موڪل ملندي ڪافرن کي ۽ نڪي انهن جي توبه ٿي ڪبندي. ۽ جڏهن ڏسندا

ڪافرن کي (عذر ڪرڻ لاءِ) موڪل نه ڏبي ۽ نڪي اُنهن جا عذر قبول ڪيا ويندا. ۽ جڏهن ظالم

ظَلَمُوا الْعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ وَلَا هُمْ يُنظَرُونَ ﴿٨٥﴾

ظالم عذاب کي پوءِ نه هلڪو ڪيو ويندو انهن کان ۽ نڪي اهي ڍر ڏنا ويندا.

عذاب ڏسندا تڏهن ڪانئن (عذاب) نڪي هلڪو ڪبو ۽ نڪي اُنهن کي مهلت ڏبي.

وَإِذَا رَأَى الَّذِينَ أَشْرَكُوا شُرَكَاءَهُمْ قَالُوا رَبَّنَا هَٰؤُلَاءِ شُرَكَاؤُنَا

۽ جڏهن ڏسندا مشرڪ پنهنجن ٺهرايل شريڪن کي چوندا اي رب اسان جا هي آهن اسانجا اهي شرڪاءِ

۽ جڏهن مشرڪ پنهنجن ٻتن کي ڏسندا (تڏهن) چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! هي اسان جا اُهي ٻت آهن

الَّذِيْنَ كُنَّا نَدْعُوْا مِنْ دُوْنِكَ ۚ فَاَلْقَوْا اِلَيْهِمُ الْقَوْلَ اِنَّكُمْ
جن کي | سڏيندا هئاسون | توکان سواءِ | پوءِ اهي ڏيندا | انهن کي | جواب | ته اوهين
جن کي توکان سواءِ سڏيندا هئاسين، پوءِ اهي (بت) انهن کي ورندي ڏيندا ته اوهين

الثلثة

لَكٰذِبُوْنَ ۚ (٨٦) وَاَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِ ِۨ السَّلَمَ وَضَلَّ عَنْهُمْ
ڪوڙا آهيو. | ۽ پيش ڪندا | ان ڏينهن | الله وٽ | عاجزي | ۽ وسري ويندو انهن کان
ڪوڙا آهيو. انهيءَ ڏينهن الله جي آڏو عاجزي ڪندا ۽ جيڪو ٺاهه ٺاهيندا هئا سو کانئن ڦلجي ويندو.

مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ (٨٧) اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
جيڪو | ٺاهه ٺاهيندا هئا. | جن ماڻهن | ڪفر ڪيو | ۽ روڪيائون | الله جي رستي کان
جن انڪار ڪيو ۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليو تن کي عذاب

زِدْنٰهُمْ عَذَابًا فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يُفْسِدُوْنَ (٨٨)
وڌائينداسون انهن تي | عذابَ | مٿان | عذابَ | جو | اهي | شرارت ڪندا هئا.
جي مٿان عذاب انهيءَ سببان وڌائينداسون جو (هو) فساد ڪندا هئا.

وَيَوْمَ نَبْعَثُ فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا عَلَيْهِمْ مِّنْ اَنْفُسِهِمْ
۽ جنهن ڏينهن | بيهارينداسون | هر فرقي ۾ | شاهدي ڏيندڙ | انهن تي | انهن منجهان
۽ اُن ڏينهن هر ٽوليءَ ۾ سندن جنس مان مٿن شاهد بيهارينداسون ۽

وَجِئْنَا بِكَ شَهِيْدًا عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ ۭ وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ
۽ آڻينداسون | توکي | شاهد ڪري | انهن ماڻهن تي، | ۽ اسان نازل ڪيو آهي توتي | ڪتاب
(اي پيغمبر!) توکي هنن (ڪافرن) تي شاهد آڻينداسون، ۽ هر شيءِ جي وضاحت لاءِ

ع ١٢/١٨ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ (٨٩) ع
بيان ڪندڙ | هر شيءِ جو | ۽ هدايت | ۽ رحمت | ۽ خوشخبري | مسلمانن لاءِ.
۽ مسلمانن جي هدايت ۽ ٻاجهه ۽ خوشخبري ڏيڻ لاءِ توتي ڪتاب نازل ڪيوسون.

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَاۤئِ ذِي الْقُرْبٰى
بيشڪ | الله حڪم ڪري ٿو | عدالت | ۽ | ڀلائي | ۽ | امداد ڏيڻ جو | مائٽن کي
بيشڪ الله انصاف ۽ ڀلائي (ڪرڻ) ۽ مائٽي وارن کي ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو

وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَاۤءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ
۽ روڪي ٿو | بي حيائيءَ | ۽ | بڇڙائيءَ | ۽ ڏاڍ ڪرڻ کان، | وعظ ڪري ٿو | ته جيئن
۽ بي حيائيءَ ۽ بُرائيءَ ۽ زبردستيءَ کان جهلي ٿو، اوهان کي نصيحت ڏئي ٿو ته

تَذَكَّرُوْنَ ﴿٩٠﴾ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عٰهَدْتُّمْ وَلَا تَنْقُضُوا
يادكريو. ۽ پاڙيو وعدي کي الله سان جڏهن وعدو ڪريو توهان ۽ نہ ڀڃو
مَانَ اوهين نصيحت وٺو. ۽ جڏهن اوهين الله جو (نالو وٺي پاڻ ۾) انجام ڪريو (تڏهن اهو) انجام پاڙيو

الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ؕ
قسمن کي انهن جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ ۽ توهان بڻايو آهي الله کي پاڻ تي ضامن،
۽ اوهين قسمن کي سندن پڪي ڪرڻ کانپوءِ نہ ڀڃو جو بيشڪ الله کي پاڻ تي نگهبان ڪيو اٿو.

اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٩١﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّتِيْ نَقَضَتْ غَزْلَهَا
بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ڪريو ٿا. ۽ نہ ٿجو انهيءَ عورت جهڙا جا اڊيڙي پئي پنهنجي ڦوريءَ کي
چو تہ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندو آهي. ۽ اُن عورت وانگر نہ ٿيو جنهن پنهنجو سٽ (ڪتڻ ۽) پڪي

مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ اَنْكَاثًا ؕ تَتَّخِذُوْنَ اَيْمَانَكُمْ دَخَلًاۢ بَيْنَكُمْ اَنْ
پڪي ڪرڻ کان پوءِ ذرا ذرا ڪري، وٺو ٿا پنهنجن قسمن کي ڌوڪي ڏيڻ لاءِ هڪبئي ۾ هن لاءِ
ڪرڻ کان پوءِ چني ڪوهي ڇڏيو. اوهين قسمن کي هن لاءِ پاڻ ۾ حيلو بڻايو ٿا تہ

تَكُوْنَ اُمَّةٌ هِيَ اَرْبٰى مِنْ اُمَّةٍ ؕ اِنَّمَا يَبْلُوْكُمُ اللّٰهُ بِهٖ ؕ وَلَيُبَيِّنَنَّ
تہ ٿئي هڪڙو ٽولو واڌارو ٻئي ٽولي کان، رڳو پرکي ٿو الله توهان کي انهيءَ سان، ۽ ظاهر ڪندو
(هڪ) ٽولي ٻيءَ ٽوليءَ کان وڌيڪ ٿئي، الله تہ اوهان کي رڳو اُن سان پرکيندو آهي، ۽ جنهن بابت

لَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ
توهان تي قيامت ڏينهن اهو جنهن ۾ توهان جهڳڙو ڪندا هئا. ۽ جيڪڏهن گهري ها الله
اوهين تڪرار ڪندا آهيو سو قيامت جي ڏينهن اوهان جي لاءِ ضرور بيان ڪندو. ۽ جيڪڏهن الله گهري ها

لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ
تہ ڪري ها توهان کي جماعت هڪڙي پر راهہ وڃائي ٿو جنهنجي وڻيس ۽ راهہ ڏيکاري
تہ اوهان کي هڪ جماعت ڪري ها پر جنهن جي لاءِ وڻندو اٿس تنهن کي گمراه ڪندو آهي، ۽ جنهن جي لاءِ

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَلَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾ وَلَا تَتَّخِذُوْٓا
جنهن کي چاهي، ۽ ضرور اوهان کان پڇا ٿيندي ان جي جيڪي اوهان ڪندا هئا. ۽ نہ وٺو
وڻندو اٿس تنهن کي هدايت ڪندو آهي، ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن بابت اوهين ضرور پڇبو. ۽ اوهين

اَيْمَانَكُمْ دَخَلًاۢ بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعْدَ ثُبُوْتِهَا وَتَذُوْقُوا
پنهنجي قسمن کي ڌوڪي لاءِ پنهنجي وچ ۾ تہ متان ترڪي وڃي پير مضبوطي کان بعد ۽ چکو توهان
پنهنجن قسمن کي پاڻ ۾ ٺڳي نہ بڻايو نہ تہ اُنهن جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ اوهان جا پير ترڪندا ۽ (ماڻهن کي)

السُّوْٓءَ بِمَا صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَلَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٩٤﴾
سزا ان ڪري جو روڪيو ٿي اوهان الله جي راهه کان، ۽ ٿئي توهان لاءِ عذاب وڏو.
الله جي واٽ کان جهلڻ سببان سزا چکندو، ۽ اوهان کي وڏو عذاب ٿيندو.

وَلَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اِنَّمَا عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ
۽ نہ وٺو الله سان وعدي تي رقم ٿوري، بيشڪ جيڪي الله وٽ آهي اهو
۽ الله جي انجام کي ٿوري ملهه سان نہ وڪڻو، ڇو تہ جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو تہ،

خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٥﴾ مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا
ڀلو آهي توهان لاءِ جيڪڏهن اوهين ڄاڻو ٿا. جيڪي توهان وٽ آهي کپي ويندو ۽ جيڪي
جيڪي الله وٽ آهي سو اوهان جي لاءِ چڱو آهي. جيڪي اوهان وٽ آهي سو کپي ويندو ۽ جيڪي

عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ؕ وَلَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْٓا اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا
الله وٽ آهي سو بچندڙ آهي، ۽ ضرور بدلي ۾ ڏينداسون جن صبر ڪيو سندن اجورو انهن چڱن
الله وٽ آهي سو هميشہ رهڻ وارو آهي، ۽ جن صبر ڪيو تن کي سندن عملن جو بلڪل ڀلو بدلو ڏينداسون.

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ
عملن تي جو ڪندا هئا. جنهن ڪيو عمل چڱو مرد هجي يا عورت ۽ هجي مومن
جنهن چڱو عمل ڪيو (پوءِ) اهو مرد هجي يا عورت ۽ اهو مؤمن هوندو تہ ضرور ڪيس

فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا
تہ بخشينداسون انکي، حياتي سٺي، ۽ ضرور بدلي ۾ ڏينداسون انهن کي سندن اجورو انهن جي چڱن ڪمن تي
ڀلي حياتي ڏيئي جيارينداسون، ۽ جيڪي ڪندا هئا تنهن جو بدلو ضرور کين تمام ڀلو ڏينداسون.

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٧﴾ فَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ
جو ڪندا هئا. پوءِ جڏهن پڙهين تون قرآن تہ پناهه وٺ الله جي شيطان
پوءِ (اي پيغمبر!) جڏهن قرآن پڙهين تڏهن تڙيل شيطان (جي شر) کان الله جي سام پئو.

الرَّجِيْمِ ﴿٩٨﴾ اِنَّهٗ لَيْسَ لَهٗ سُلْطٰنٌ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى
تڙيل کان. يقينن نہ هلندوان جو زور انهن تي جن ايمان آندو ۽ پنهنجي
ان کي ايمان وارن تي ۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن تن تي ڪو غلبو نہ آهي.

رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٩٩﴾ اِنَّمَا سُلْطٰنُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يَتَوَلَّوْنَهٗ وَالَّذِيْنَ
رب تي ڀروسو ڪن ٿا. رڳو زوران جو آهي انهن تي جيڪي دوستي رکن ٿا ان سان ۽ جيڪي
سندس غلبو رڳو انهن تي آهي جيڪي کيس دوست رکندا آهن ۽ (انهن تي بہ) جيڪي الله سان شريڪ (مقرر) ڪندا

هُمۡ بِهٖ مُشۡرِكُوۡنَ ﴿١٠٠﴾ ع وَ اِذَا بَدَّلۡنَاۤ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ ۙ وَّاللّٰهُ اَعۡلَمُ ع ١٣ ١٩

ان کي شريڪ ٺا مڃين. ۽ جڏهن اٿيندا آهيون هڪ آيت عوض ٻيءَ آيت جي ۽ الله خوب ڄاڻي ٿو

آهن. ۽ جڏهن هڪڙيءَ آيت جي جاءِ تي ٻي آيت مٽائي اٿيندا آهيون ۽ الله جيڪي نازل ڪندو آهي سو چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي

بِمَا يُنَزِّلُ قَالُوۡۤا اِنَّمَاۤ اَنۡتَ مُفۡتَرٍ ؕ بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٠١﴾

جنهن کي نازل ٿو ڪري چون ٿا ڪافر رڳو تون ٺاهه ٿو ٺاهين، نه پر ڪيترا انهن جا نه ٿا ڄاڻن.

(تڏهن) چوندا آهن ته، تون رڳو ڳالهيون ٺاهيندڙ آهين، (نه!) بلڪ انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن.

قُلۡ نَزَّلَهٗ رُوۡحُ الۡقُدُسِ مِنۡ رَّبِّكَ بِالۡحَقِّ لِيُثَبِّتَ الَّذِيۡنَ

تون چؤ لاٿو آهي انهيءَ کي پاڪ ملڪ تنهنجي رب جي طرفان حق سان جيئن ثابت رکي انهن کي جن

(اي پيغمبر!) ڪين چئو ته اهو قرآن تنهنجي پالڻهار وٽان جبرائيل سچ سان هن لاءِ نازل ڪيو آهي ته مؤمنن کي ثابت رکي

اٰمَنُوۡا وَهُدًى وَّبُشۡرٰى لِلۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿١٠٢﴾ وَلَقَدۡ نَعۡلَمُ اَنَّهُمۡ

ايمان آندو ۽ هدايت ۽ خوشخبري مسلمانن لاءِ. ۽ اسين ڄاڻون ٿا جو اهي

۽ مسلمانن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري هجي. ۽ بيشڪ ڄاڻندا آهيون ته اهي

يَقُوۡلُوۡنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ؕ لِسَانُ الَّذِيۡ يُلۡحِدُوۡنَ اِلَيۡهِ

چون ٿا ته رڳو سيکاري ٿو انهيءَ کي ماڻهو، ٻولي انهيءَ جي تهمت ڏين ٿا جنهن ڏانهن

چوندا آهن ته اُن (پيغمبر) کي ڪو ماڻهو سيکاريندو آهي، جنهن ڏانهن اها نسبت ڪندا آهن تنهن جي ٻولي

اَعۡجَمِيٌّ وَّهٰذَا لِسَانٌ عَرَبِيٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿١٠٣﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ

عجمي آهي ۽ هي (قرآن) زبان عربي صاف آهي. بيشڪ اهي ماڻهو جي نه ٿا مڃين

عجمي آهي ۽ هيءُ (قرآن) چٽي عربي ٻوليءَ ۾ آهي. بيشڪ جيڪي الله جي آيتن کي نه مڃيندا آهن

بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۙ لَا يَهۡدِيۡهِمُ اللّٰهُ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿١٠٤﴾ اِنَّمَا

آيتون الله جون نه هدايت ڪندو انهن کي الله ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي. رڳو

تن کي الله سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

يَفۡتَرِى الۡكَذِبَ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ

گهڙين ٿا ڪوڙ اهي ماڻهو جيڪي نه ٿا ايمان آڻين الله جي آيتن تي، ۽ اهي

ڪوڙ ٺاهه انهن کان سواءِ ڪو نه ٺاهيندو آهي جيڪي الله جي آيتن کي نه مڃيندا آهن، اهي

هُمُ الۡكٰذِبُوۡنَ ﴿١٠٥﴾ مَنۡ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ اِيۡمَانِهٖۤ اِلَّا مَنۡ

ئي ڪوڙا آهن. جنهن ڪفر ڪيو الله جو پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ، نه اهو جنهن کي

(پاڻ) ڪوڙا آهن. جنهن کي (ڪفر ڪرڻ تي) زور ڪيو وڃي (اهو زبان سان ڪجهه چوي) ۽ سندس دل ايمان سان

أُكْرِهَ وَقَلْبُهُ مُطْمَئِنٌّ بِالْإِيمَانِ وَلَٰكِن مَّن شَرَحَ بِالْكُفْرِ

مجبور ڪيو ويو ۽ ان جي دل برقرار آهي ايمان تي پر اهي جن کولي ڪفر لاءِ

مطمئن هجي اُن کان سواءِ، جيڪو پنهنجي ايمان آڻڻ کانپوءِ الله جو انڪار ڪري بلڪ جيڪو ڪفر سان

صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ اللَّهِ ج وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١٠٦﴾

دل پوءِ انهن تي غضب آهي الله جو، ۽ انهن لاءِ عذاب وڏو آهي.

سينو ويڪرو ڪري (يعني راضي ٿئي) اهڙن تي الله جو ڏمر آهي، ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي.

ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيَاةَ الدُّنْيَا عَلَى الْآخِرَةِ لا وَأَنَّ اللَّهَ

اهو هن ڪري ته انهن پسند ڪيو حياتيءَ دنيا جي کي آخرت تي ۽ الله

اهو هن ڪري جو اُنهن دنيا جي حياتيءَ کي آخرت کان وڌيڪ پسند ڪيو آهي ۽ (اِنهيءَ ڪري) ته الله

لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ ﴿١٠٧﴾ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ طَبَعَ اللَّهُ

نه تو راهه ڏيکاري قوم ڪافرن جي کي. اهي ئي آهن جو مُهر هنئي الله

ڪافرن جي قوم کي هدايت نه ڪندو آهي. اِهي اُهي آهن جو سندن دلين ۽

عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ وَسَمْعِهِمْ وَأَبْصَارِهِمْ ج وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْغَافِلُونَ ﴿١٠٨﴾

انهن جي دلين تي ۽ انهن جي ڪنن تي ۽ انهن جي اکين تي، ۽ اهي ئي غافل آهن.

سندن ڪَنن ۽ سندن اکين تي الله مُهر هنئي، ۽ اُهي بي خبر آهن.

لَا جَرَمَ أَنَّهُمْ فِي الْآخِرَةِ هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿١٠٩﴾ ثُمَّ إِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِينَ

ناهي شڪ ته آخرت ۾ اهي ئي نقصان وارا آهن. پوءِ بيشڪ تنهنجو رب انهن لاءِ

بلاشڪ اهي ئي آخرت ۾ خساري وارا آهن. وري بيشڪ تنهنجو پالڻهار اُنهن کي (بخشي ٿو) جيڪي

هَاجَرُوا مِن بَعْدِ مَا فُتِنُوا ثُمَّ جَاهَدُوا وَصَبَرُوا لا إِنَّ رَبَّكَ

جن هجرت ڪئي ايذائجڻ کان پوءِ وري جهاد ڪيائون ۽ ثابت بيٺا بيشڪ تنهنجو رب

(ڪفر جي ڪلمي چوڻ لاءِ ڪافرن جي هٿان) ايذايا ويا پوءِ وطن ڇڏيائون وري جهاد ڪيائون ۽ صبر ڪيائون. بيشڪ

مِن بَعْدِهَا لَغَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿١١٠﴾ ع يَوْمَ تَأْتِي كُلُّ نَفْسٍ تُجَادِلُ

ان کان پوءِ بخشڻهار مهربان آهي. جنهن ڏينهن ايندو هر انسان سوال جواب ڪندي

تنهنجو پالڻهار اُن کان پوءِ ضرور بخشڻهار مهربان آهي. اُنهيءَ ڏينهن هر هڪ ماڻهو پنهنجي جيءَ طرفان جهيڙو ڪندو ايندو ۽

عَن نَّفْسِهَا وَتُوَفَّىٰ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ ﴿١١١﴾

پنهنجي طرفان ۽ بدلو ڏنو ويندو هر شخص کي سندس عمل جو ۽ اهي ظلم نه ڪيا ويندا.

هر هڪ ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن جو ڪيس پورو بدلو ڏبو ۽ اُن سان ظلم نه ڪبو.

ع ١٤ / ٢٠

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا قَرۡيَةً كَانَتۡ اٰمِنَةً مُّطۡمَئِنَّةً يَّاۡتِيۡهَا

۽ پڌايو اللہ هڪ مثال تہ هڪڙو ڳوٺ هئو امن قرار وارو ايندو هو انهن وٽ

۽ الله هڪ ڳوٺ جو (هڪ) قصو بيان ڪيو آهي جو امن ۽ سڪون سان هو، ان ڪي سندس

رِزۡقُهَا رَغَدًا مِّنۡ كُلِّ مَكَانٍ فَكَفَرَتۡ بِاَنۡعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا

رزق جهجهو هر طرف کان پوءِ بي شڪري ڪيائون الله جي نعمتن جي پوءِ چکايو انهن کي

روزي هر ڪنهن هنڌان ججهي ايندي هئي، پوءِ الله جي نعمتن جي بي شڪري ڪيائين پوءِ

اللّٰهُ لِبَاسَ الۡجُوۡعِ وَالۡخَوۡفِ بِمَا كَانُوۡا يَصۡنَعُوۡنَ ۝١١٢ وَلَقَدۡ

الله لباس بک جو ۽ ڀؤ جو سندن ڪئي جي سبب. ۽

جيڪي ڪندا هئا تنهن سببان الله ڪيس بک ۽ ڀئو جي پوشاڪ (جومزو) چکايو. ۽ بيشڪ

جَآءَهُمۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡهُمۡ فَكَذَّبُوۡهُ فَاَخَذَهُمُ الۡعَذَابُ وَهُمۡ

آيو انهن وٽ رسول انهن مان پوءِ ڪوڙو ڪيائون ان کي پوءِ ورتو انهن کي عذاب ۽ اهي

منجهانئن (هڪ) پيغمبر وٽن آيو، پوءِ ڪيس ڪوڙو ڀانيائون تنهن ڪري کين عذاب پڪڙيو ۽ اهي

ظٰلِمُوۡنَ ۝١١٣ فَكُلُوۡا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّاشۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ

ظالم هئا. پوءِ کائو ان مان جيڪا روزي ڏني توهان کي الله حلال پاڪ، ۽ شڪر ڪريو الله جي احسان جو

ظالم هئا. پوءِ الله اوهان کي جيڪا حلال (۽) سٺي شيءِ روزي ڪري ڏني تنهن مان کائو ۽ جيڪڏهن

اِنۡ كُنۡتُمۡ اِيَّاهُ تَعۡبُدُوۡنَ ۝١١٤ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيۡكُمُ الۡمَيۡتَةَ وَ

جيڪڏهن اوهين ان جي بندگي ڪندا آهيو. رڳو حرام ڪيائين توهان تي مئل جانور ۽

اوهين خاص الله جي عبادت ڪندا آهيو تہ سندس نعمتن جو شڪرانو ڪريو. مئل ڊور ۽ رت ۽ سوئر جو ماس

الدَّمَ وَلَحۡمَ الۡخِنۡزِيۡرِ وَمَاۤ اُهِلَّ لِغَيۡرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضۡطُرَّ غَيۡرَ

رت ۽ ماس ڊرون ءِ جو ۽ اها شيءِ جنهن تي ورتو وڃي نالو الله کان سواءِ ٻئي جو، پوءِ جيڪو لاچار ٿيو نہ

۽ جنهن شيءِ کي الله جي نالي کان سواءِ ٻئي جي نالي سان سڏيو وڃي، تنهن کان سواءِ ٻيو، (ڪجهہ بہ) اوهان تي حرام نہ ڪيائين،پوءِ جيڪو

بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ۝١١٥ وَلَا تَقُوۡلُوۡا لِمَا تَصِفُ

بي فرمان ۽ نہ حد کان لنگهندڙ تہ بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ نہ چئو انهيءَ شيءِ لاءِ جنهن کي ٻڌائن ٿيون

نڪي بي فرماني ڪندڙ ۽ نہ ڪي حد کان لنگهندڙ ٿي لاچار ٿئي (۽ کائي) تہ بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ جن شين کي اوهان جون

اَلۡسِنَتُكُمُ الۡكَذِبَ هٰذَا حَلٰلٌ وَّهٰذَا حَرَامٌ لِّتَفۡتَرُوۡا عَلَى اللّٰهِ

توهان جو زبانون ڪوڙ هٿي تہ هي حلال آهي ۽ هو حرام آهي جئن ٺاهيو الله تي

زبانون ڪوڙ سان بيان ڪنديون آهن تن لاءِ (هن ڪري) نہ چئو تہ هيءَ حلال آهي ۽ هيءَ حرام آهي تہ

الْكَذِبَ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿١١٦﴾ ؕ

ڪوڙ، بيشڪ جيڪي ٺاهن ٿا الله تي ڪوڙ ڪامياب نہ ٿيندا.

الله تي ڪوڙو ٺاھ ٺاهيو. جو تہ جيڪي الله تي ڪوڙو ٺاھ ٺاهيندا آهن سي (ڪڏهن) نہ ڇٽندا.

مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۪ وَّلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١١٧﴾ وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا

هي نفعو ٿورو آهي، ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي. ۽ انهن تي جيڪي يهودي ٿيا

۽ هيءُ (حياتي) ٿوري موڙي آهي ۽ انهن لاءِ (آخرت ۾) ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ۽ جيڪي توتي هن کان اڳ بيان ڪيوسون.

حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۚ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ

حرام ڪيوسون جيڪي پڌايوسون توکي اڳ ۾، ۽ اسان ظلم نہ ڪيو آهي انهن تي پر

سو يهودين تي حرام ڪيو هوسون. ۽ اسان مٿن ظلم نہ ڪيو پر (هو)

كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١١٨﴾ ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ عَمِلُوا السُّوْۗءَ

اهي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪندا هئا. پوءِ تنهنجو رب انهن لاءِ جن برايون ڪيون

پاڻ تي ظلم ڪندا هئا. وري جن بي سمجهائيءَ سان بڇڙا ڪم ڪيا

بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ

ناداني سان وري توبهہ ڪيائون انهيءَ کان پوءِ ۽ سڌري ويا بيشڪ تنهنجو رب

وري ان کان پوءِ توبهہ ڪيائون ۽ پاڻ سڌاريائون تن لاءِ تنهنجو پالڻهار ان (توبهہ) کان پوءِ

ع ١٥ / ٢١ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٩﴾ ع اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ

ان کان پوءِ بخشڻهار مهربان آهي. بيشڪ ابراهيم هئو رهبر فرمانبردار الله جو

بلڪل ضرور بخشڻهار مهربان آهي. ابراهيم هڪ طرفو ٿيل الله جي عبادت ڪندڙ امام هو.

حَنِيْفًا ؕ وَلَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٢٠﴾ ۙ شَاكِرًا لِّاَنْعُمِهٖ ؕ اِجْتَبٰىهُ وَ

هڪ طرفو، ۽ نہ هئو شرڪ ڪندڙن مان. شڪر ڪندڙ انهيءَ جي نعمتن جو، چونڊيو انکي الله ۽

۽ مشرڪن مان نہ هو. الله جي نعمتن جو شڪر ڪندڙ هو، (الله) ڪيس سڳورو ڪيو ۽

هَدٰىهُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٢١﴾ وَاٰتَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَاِنَّهٗ

هلايائين ان کي رستي سڌي تي، ۽ ڏني سون انهيءَ کي دنيا ۾ ڀلائي، ۽ اهو آهي

سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪيائينس، ۽ دنيا ۾ ڪيس چڱائي ڏني سون، ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾

فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٢٢﴾ ؕ ثُمَّ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ اَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ

آخرت ۾ ڀلن ماڻهن مان. پوءِ حڪم موڪليوسون توڏانهن تہ تابع ٿيءُ دين

ڀلارن مان آهي. (اي پيغمبرا ان کان) پوءِ تو ڏانهن وحي ڪيوسون تہ هڪ مهاڙي ابراهيم

اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِنَّمَا جُعِلَ

ابراهيم هڪ طرف واري جو، ۽ نہ هئو اهو شرڪ ڪندڙن مان. رڳو مقرر ڪيو ويو

جي دين جي تابعداري ڪر، ۽ ابراهيم مشرڪن مان نہ هو. جن ڇنڇر بابت

السَّبْتُ عَلَى الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ؕ وَاِنَّ رَبَّكَ لَيَحْكُمُ بَيْنَهُمْ

ڇنڇر انهن تي جن اختلاف ڪيو ان ۾، ۽ بيشڪ تنهنجو رب فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾

تڪرار ڪيو، تن ڪان سواءِ ٻين تي اُن (جي تعظيم) جو حڪم لازم نہ ڪيو ويو. ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ

قيامت ڏينهن ان ۾ جنهن ۾ اهي اختلاف ڪندا هئا. تون سڏ پنهنجي رب جي

قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ انهيءَ جو ضرور نبيرو ڪندو جنهن ۾ تڪرار ڪندا آهن. (اي پيغمبر!) حڪمت

رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ

رستي ڏانهن صحيح ڳالهہ سان ۽ نصيحت سٺي سان ۽ بحث ڪر انهن سان سهڻي

۽ سهڻي نصيحت سان پنهنجي پالڻهار جي واٽ ڏانهن (ماڻهن کي) دعوت ڏي ۽ سهڻي نموني ساڻن بحث ڪر!

اَحْسَنُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ وَهُوَ اَعْلَمُ

طريقي، بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي ڏاڍو ڄاڻي ٿو انهن کي جي ڀلجي ويا سندس راهہ کان ۽ اهو زياده ڄاڻندڙ آهي

جو تہ جيڪو الله جي واٽ کان گمراهہ ٿيو تنهن کي تنهنجو پالڻهار وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ اهو

بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٢٥﴾ وَاِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ ؕ

رستي وارن کي. ۽ جيڪڏهن بدلو وٺو تہ سزا ڏيو ايتري جيتري توهان کي تڪليف ڏني وئي آهي،

هدايت وارن کي (بہ) وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن (ڪافرن کان) بدلو وٺو تہ جيترو ايذايا ويا هجو اوترو انهن کي ايذايو،

وَلَئِنْ صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ ﴿١٢٦﴾ وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا

۽ جيڪڏهن سهي ويندؤ تہ اهو بهتر آهي صبر وارن لاءِ، ۽ تون صبر ڪر ۽ ناهي صبر تنهنجو مگر

۽ جيڪڏهن اوهين صبر ڪريو تہ اهو صابرن لاءِ ڀلو آهي، ۽ (اي پيغمبر!) صبر ڪر ۽ تنهنجو صبر الله جي توفيق سان

بِاللّٰهِ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٧﴾

الله جي توفيق سان ۽ نہ ڏک ڪر انهن تي ۽ نہ ٿيءُ تنگ انهن جي فريب کان.

ٿي آهي ۽ جيڪو فريب ڪندا آهن، تنهن بابت نڪي مٿن ڏک ڪر ۽ نڪي تنگ دل ٿيءُ.

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿١٢٨﴾ ع ١٦ ٩ ٢٢

بيشڪ الله انهن سان آهي جيڪي پرهيزگار آهن ۽ انهن سان جيڪي چڱائي ڪندڙ آهن.

پڪ جيڪي پرهيزگاري ڪندڙ آهن ۽ جيڪي ڀلارا آهن تن سان الله گڏ آهي.

